Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي
(جلد:11) آچر 02 جولائي 2023ع بمطابق 13 ذوالحج 1444ھ شمارو (253) قيمت 10 رپيا

مورو بس ۽ ڪار ۾ ٽڪر، 8 ڄڻا فوت، 20 ڄڻا زخمي، فوتي مٿي ماڻهو حوالي

لاهور کان ڪراچي ويندڙ بس ۽ ڪار ۾ ٽڪر جو واقعو مورو ويجهو پيش آيو. حادثي ۾ 8 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ 20 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا

فوتين ۾ سميع الله، سندس زال فائزه، سندن پٽ سمير، فيضان برڙو ۽ نينگر مدثر پٽ عامر برڙو شامل

حادثي ۾ ڪشمور جو مختيارڪار اعجاز برڙو 4 ڌيئرن سميت اجل جو شڪار ٿي ويو، لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

حادثي جو شڪار بدنصيب ڪٽنب عيد ملهائڻ لاءِ ڳوٺ ويو هو، ڪراچي واپسي دوران سندن ڪار سان ڪوچ ٽڪرائجي وئي

حادثي بعد فوتين جو اباڻو شهر ميرپور برڙو سوڳ ۾ بند رهيا، فوتين جا لاش موري اسپتال ۾ ضروري گهرجون پوريون ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيا ويا

مورو (رپورٽر) موري ۾ خوفناڪ حادثي گهر اجاڙي ڇڏيو، فوتين جو اڻڪ 8 ٿي ويو

آهي گذريل ڏينهن قومي شاهراهه تي تيز رفتار ڪوچ ۽ ڪار وچ ۾ ٽڪر ٿيو

ڪشمور جي مختيارڪار اعجاز برڙو جي 4 ڌيئرن سوڌو 8 ڄاڻي اجل جو شڪار ٿي

ويا فوتين ۾ سميع الله، سندس زال فائزه، سندن پٽ سمير، فيضان برڙو ۽ نينگر

مدثر پٽ عامر برڙو شامل آهن حادثي جي نتيجي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 60

مورو: حادثي جو شڪار ٿيل ڪار، بي طرف زخمين جو علاج ڪيو پيو وڃي

آءِ ايم ايف معاهدي کانپوءِ پيٽروليم ليوي ۾ وڏي واڌ، 55 رپيا ٿي وئي

پيٽرول جي اڳهه ۾ لاٿ جو فائدو عوام کي منتقل نه ٿيو، پيٽرول تي في ليٽر ليوي 50 رپين مان وڌائي 55 رپيا ڪئي وئي، جيڪا لاڳو ٿي وئي

پيٽرول جي وڏ ڪان وڏ ايڪس مل وڪري جي قيمت 187.80 رپيا آهي، جڏهن ته پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 55 رپيا لاڳو ڪيا ويا

پاڪستان ايڪس مل قيمت ۾ سادا 7 رپيا لاٿ باوجود پيٽرول جي قيمت 262 رپيا في ليٽر برقرار رکي آهي، پيٽروليم ڊيولپمينٽ ليوي کي وڌائي 55 رپيا في ليٽر ڪيو ويو آهي

جولاءِ جي وچ ۾ آءِ ايم ايف ايگزيڪيوٽو بورڊ جي اجلاس کان اڳ هڪ ٻيو شرط پورو ڪيو ويو آهي: ٽاپ لائن سيڪيورٽيز جو چيف ايگزيڪيوٽو

اسلام آباد (بيورو) آءِ ايم ايف سان معاهدي کانپوءِ وفاقي حڪومت پيٽروليم ڊيولپمينٽ ليوي ۾ في ليٽر 5 رپين جي واڌ ڪري چڏي، جنهن کانپوءِ اها ملڪي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي. پيٽرول جي اڳهه ۾ لاٿ جو فائدو عوام کي منتقل نه ڪيو ويو. گذريل ڏينهن پيٽرول تي في ليٽر ليوي 50 رپين مان وڌائي 55 رپيا ڪئي وئي، جيڪا اڄ کان لاڳو ٿي وئي آهي. حڪومت گذريل ڏينهن اعلان ڪيو هو ته ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ پيٽرول جو اڳهه نه پيو وڌايو وڃي، جڏهن ته ڊيزل 7 رپيا مهانگو ڪيو ويو آهي. اوگرا طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پيٽرول / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 59

سياستدانن جو هڪ ٻئي تي ڀروسو ڪرڻ سان معيشت ۾ بهتري ايندي: خورشيد شاهه

هر پارٽي جي ڪوشش هوندي آهي ته پنهنجي پارٽي جي سربراهه کي ليڊر آف هائوس بڻائي سگهجي

اسان جي ڪوشش آهي ته بلاول ڀٽو وزيراعظم بڻجي. پيپلز پارٽي 2018 ۾ پنهنجو منشور ڏنو ۽ ان تي عمل ڪري ڏيکاريو

ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو کان پوءِ اهو پهريون موقعو آهي ته ڪنهن پارٽي پنهنجو منشور پورو ڪيو آهي: بيان

سکر (رپورٽر) وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه چيو ته سياستدانن کي هڪ ٻئي تي ڀروسو ڪرڻو پوندو. ڀروسو هوندو ته ان سان خراب معيشت کي به بهتر بڻائي سگهجي ٿو. سکر ۾ صحافيين سان ڳالهيون ڪندي ٻ پ جي سينئر اڳواڻ خورشيد شاهه چيو ته هر پارٽي جي ڪوشش هوندي آهي ته پنهنجي پارٽي جي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 41

سوئيڊن ۾ واقعو: يورپي يونين جي مذمت، او آئي سي اجلاس طلب

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي واري عمل کي رد ڪريون ٿا. سوئيڊن واقعو جارحانه، بيعزتي تي ٻڌل ۽ چڙ ڏيارڻ جو چٽو عمل آهي

بي حرمتي جو واقعو اهڙي وقت ڪيو ويو جڏهن مسلمان عيدالاضحيٰ ملهائي رهيا هئا: يورپي يونين

برسلز (م ڊ) سوئيڊن ۾ استاڪ هوم جي مسجد ٻاهران قرآن ڪريم جي بيحرمتي جي واقعي تي يورپي يونين جو رد عمل سامهون اچي ويو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ يورپي يونين چيو آهي ته سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي واري عمل کي رد ڪريون ٿا. سوئيڊن واقعو جارحانه، بيعزتي تي ٻڌل ۽ چڙ ڏيارڻ جو چٽو عمل آهي. يورپي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 42

برسلز: يورپي يونين جي اجلاس جو ڏيک

نواز شريف جو دبئي ۾ ڊيرو، هڪ هفتو پيو رهندو

اڳوڻي وزيراعظم جون اڃان تائين ڪيترين ئي اهم ملاقاتون شيڊول ٿيل آهن

ملاقاتن ۾ پاڪستان جي معاشي نظام جي بهتري لاءِ صلاح مشورا ٿي رهيا آهن

دبئي (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي دبئي ۾ قيام جي مدي ۾ واڌ ٿي وئي آهي. ذريعن موجب اڳوڻي وزيراعظم جون اڃان تائين ڪيترين ئي اهم ملاقاتون شيڊول آهن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 58

چونڊ نشان الاٽ ڪرڻ لاءِ درخواستون طلب

درخواست سان گڏ چونڊ نشان جي ترجيحي لسٽ گڏ جوڙي وڃي. هر درخواست تي پارٽي سربراهه جي صحيح هجڻ ضروري آهي

فيبروري ۽ مارچ جي پنجاب، ڪي پي چونڊن جي لاءِ درخواستون ڏينڌڙ پارٽيون ٻيهر درخواست ڏين

اڄ کان پوءِ چونڊ نشان کي حاصل ڪرڻ جي درخواستن تي به غور نه ڪيو ويندو: ترجمان الڪشن ڪميشن

اسلام آباد (بيورو) الڪشن ڪميشن عام چونڊون 2023 ۾ چونڊ نشان الاٽ ڪرڻ لاءِ درخواستون طلب ڪري ورتيون آهن. الڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سياسي پارٽيون چونڊ نشان جي لاءِ درخواستون جمع ڪرائين. درخواستون پارٽي سربراهه جي صحيح سان 19 جولاءِ تائين جمع ڪرائي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 61

سلامتي ڪائونسل جي ناڪامي قراردادن تي عمل نه ٿيڻ آهي: منير اڪرم

سالياني رپورٽ 2022 پيش ڪرڻ هڪ اهم ذميواري آهي. جيڪا چارٽر جي آرٽيڪل 15 ۽ 24 ۾ بيان ڪئي وئي آهي

رپورٽ ڪونسل جي اجلاس ۽ سرگرمين جي عڪاسي آهي پر ان ۾ جي غور ۽ فڪر ۽ فيصلن جي حوالي سان ڪوبه مواد نه آهي: سفير

نيويارڪ (م ڊ) پاڪستان چيو آهي ته سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عمل نه ٿيڻ وڏي ڪان وڏي ناڪامي آهي. گڏيل قومن ۾ پاڪستاني سفير منير اڪرم جنرل اسمبلي ۾ پيش ڪيل سلامتي ڪائونسل جي رپورٽ تي بيان ڏيندي چيو آهي ته سالياني رپورٽ 2022 پيش ڪرڻ هڪ اهم ذميواري آهي. جيڪا چارٽر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 62

ايف سي ۽ رينجرز جون پگهارون پاڪ فوج جي برابر ڪرڻ جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف عيد جو پهريون ڏينهن سرحدن جي حفاظت ڪندڙ آفيسرن ۽ جوانن سان گڏ گذاريو

سرحدن جي جرئت ۽ بهادري سان حفاظت ڪندڙ پنهنجن آفيسرن ۽ جوانن جي ڪاوشن ۽ جذبن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو: وزيراعظم

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف ايف سي ۽ رينجرز جي آفيسرن ۽ جوانن کي پاڪ فوج جي برابر پگهارون ڏيڻ جو اعلان ڪري چڏيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف عيد جو پهريون ڏينهن سرحدن جي حفاظت ڪندڙ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 63

بختاور ڀٽو جي هالا آمد، مخدوم رفيق الزمان سان ملاقات

بختاور ڀٽو زرداري نوابشاهه کان ڪراچي واپس ويندي اوچتو خيبر کان واپس ٿي هالا پهتي

بختاور ڀٽو زرداري بنا ڪنهن شيڊول جي اوچتو هالا پهچي ايم پي اي ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان سان ملاقات ڪئي

مٽياري (رپورٽر) شهيد بينظير ڀٽو جي نياڻي بختاور ڀٽو زرداري اوچتو مٽياري ضلعي جي هالا شهر ۾ پهچي وئي اڳوڻي گهرو وزير ۽ پ پ ايم پي اي مخدوم رفيق الزمان سان ملاقات ڪري ملڪي سياسي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 64

مٽياري: بختاور ڀٽو ۽ مخدوم رفيق الزمان بيٺل آهن

پيوٽن جو روس جي قديمي مسجد جو دورو، قرآن پاڪ جو تحفو به وصول ڪيائين

ماسڪو (م ڊ) روس جي صدر ولاديمير پيوٽن عيد جيپهرئين ڏينهن روس جي اتر علاقي ۾ جمهوريا داغستان جي سڀ کان قديمي مسجد جو دورو ڪيو پرڏيهي ميڊيا طرفان جاري ڪيل ويڊيو ۾ روسي صدر کي هٿ ۾ قرآن پاڪ ڪنيل ۽ مسلمانن جي مقدس ترين ڪتاب بابت روسي ٻولي ۾ ڳالهائيندي به ڏسي سگهجي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 65

سردار عابد سندراڻي کي چوندس ته پوليس سان گڏجي لوفرن کي واڻڪو ڪري: علي گوهر مهر

ڏوهارين گهوٽڪي ضلعي جي امن کي داءُ تي لڳائي چڏيو آهي سرڪار کي هاڻي ان معاملي تي سنجيدگي سان سوچڻ گهرجي

سرڪار سان گڏجي انهن خلاف ايڪشن وٺي، ۽ انهن کي سخت سزا ڏياري: ميڊيا سان ڳالهيون

گهوٽڪي (رپورٽ جلال بوزدار) جي ڊي اي ايم پي اي، ۽ مهر گروپ جو سرواڻ سردار علي گوهرخان مهر ڪجهه ڏينهن اڳ گهوٽڪي جي سي پيڪ انٽرچينج وٽ ڏاڙيلن هٿان مارجي ويل مهراڻ مهر ۽ سعيد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 66

بي آءِ ايس پيقسط بعد اڄ کان ٻيهر شروع ٿيندي

وظيفي جي رقم اڄ کان 28 جون تائين جاري رهندي جڏهن ته عيدالاضحيٰ جي موڪلن بعد 3 جولاءِ کان رقم ٻيهر ڏني ويندي

وظيفو سڄي ملڪ ۾ 90 لک گهراڻن ۾ 9 هزار في خاندان کي ٽن مهينن جي بنياد تي ڏنا پيا وڃن: ترجمان

اسلام آباد (بيورو) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت وظيفي جي ادائگي گرمي سبب 2 ڏينهن معطل رهڻ بعد ٻيهر شروع ڪئي وئي آهي. بي آءِ ايس پي ترجمان جو چوڻ آهي ته وظيفي جي رقم / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 67

بسپ جي مرڪز ۾ بدنظمي، 16 عورتون زخمي، اسپتال داخل

ڪي پي ٽي گرائونڊ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مرڪز ۾ بدنظمي سبب اتي موجود 16 عورتون زخمي ۽ بيهوش ٿي ويون

زخمي عورتن کي ريسڪيو ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ايمبولينسون روانيون ڪيون ويون ، اسپتال منتقل

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ ڪي پي ٽي گرائونڊ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مرڪز ۾ بدنظمي سبب اتي موجود 16 عورتون زخمي ۽ بيهوش ٿي ويون. زخمي عورتن کي ريسڪيو ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ايمبولينسون روانيون ڪيون ويون آهن جنهن جي ذريعي زخمي عورتن کي اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي. ريسڪيو / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 68

سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون، 6 دهشتگرد مارجي ويا

29 ۽ 30 جون جي رات ٽانڪ جي علاقي منزئي ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد پڻ هٿ آيو: آءِ ايس پي آر

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي ضلعي ٽانڪ ۽ اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي 6 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب 29 ۽ 30 جون جي رات ٽانڪ جي علاقي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 69

ڪراچي: حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

فوجي ترجمان جي پريس ڪانفرنس ملڪي دفاعي پاليسي واضح ڪري چڏي: فردوس عاشق

لاهور (م ڊ) استحڪام پاڪستان پارٽي جي اطلاعات سيڪريٽري فردوس عاشق اعوان / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 70

رد ٿيل پرائز باندن کي روڪ ڪرائڻ جي آخري تاريخ ويجهو اچي وئي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) رد ٿيل پرائز باندن کي روڪ ڪرائڻ جي آخري تاريخ ويجهو اچي وئي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 71

ڪشمور- گهوٽڪي جي ڪچي ۾ آپريشن، هڪ ڏاڙيل مارجي ويو

ڪچو ٻنڊي ۾ پوليس ۽ ڏوهارين ۾ مقابلي دوران هڪ ڏوهاري مارجي ويو ۽ پنج زخمي ٿي پيا

فائرنگ ۾ هڪ ڏوهاري مختيار پٽ عزيز جاگيراڻي جي مارجڻ جا اطلاع مليا آهن: پوليس

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ۽ ڪشمور جي ڪچي واري علاقي ڪچو ٻنڊي ۾ پوليس ۽ ڏوهارين ۾ مقابلي دوران هڪ ڏوهاري مارجي ويو ۽ پنج زخمي ٿي پيا آهن. گوٺ عالم جاگيراڻي پرسان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 72

ميهڙ ويجهو روڊ ڪراس ڪرڻ دوران وين جي ٽڪر ۾ پيرسن فوت

ميهڙ (ابوذر سومرو) ميهڙ انڊس هاءِ وي ڪولاچي موري پرسان روڊ ڪراس ڪرڻ دوران تيز رفتار وين جو زوردار ٽڪر لڳڻ سبب گوٺ رحم علي ڪوسو جو رهواسي 70 / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 73

لاڙڪاڻو: نادرا آفيس ۾ عورت کي چماٽ هڻڻ واري ويڊيو وائرل

واقعي جو ايس ايس پي نوٽيس وٺندي اهلڪار کي معطل ڪري چڏيو

ويڊيو ۾ اهلڪار زيب جتوئي کي هڪ عورت کي چماٽ هڻندي ڏسي سگهجي ٿو

انڪوائري رپورٽ جي روشني ۾ وڌيڪ ڪاروائي ڪئي ويندي: ايس ايس پي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 74

قرآن پاڪ جي بيحرمتي سان اربين مسلمانن جا جذبات مجروح ٿيا: راجا پرويز اشرف

اسلام امن ۽ پائيچاري جو درس ڏئي ٿو. اسلام سمورن مذهبن جي مجيندڙن کي قدر جي گناهه سان ڏسي ٿو

سمورين رياستن کي اهڙي ڪارروائين کي روڪڻ جي لاءِ قدم کڻڻ گهرجن: اسپيڪر قومي اسمبلي

اسلام آباد (بيورو) قومي اسمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته اهڙي واقعي سان اربين مسلمانن جا جذبات مجروح ٿيا آهن. راجا پرويز اشرف چيو ته سوئيڈن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي سان اربين مسلمانن جا جذبات مجروح ٿيا آهن. راجا پرويز اشرف چيو ته سوئيڈن ۾ مذمت ڪريان ٿو سمورين رياستن / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 43

ميرپورماٿيلو جي رهواسڻ عورت پاران ايس ايچ او قابل پيومتان فحش حرڪتون ڪرڻ جا الزام

ڏير کان قرٽي جنهن جي دانهن ڪٽي ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس پهتس جتي ايس ايچ او اهڙي حرڪت ڪئي: صائم حيدراڻي

ايس ايچ او قابل پيو چيو ته منهنجي آفيس ۾ اڪيلو اچو جيترا پئسا ڪپن اهي اوهان کي ڏيندس: دانهن

گهوٽڪي (رپورٽر جلال بوزدار) ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ دوست محمد حيدراڻي جي رهواسڻ صائم حيدراڻي پاران ايس ايچ او ميرپور ماٿيلو قابل پيو متان الزام مڙهيا ته ايس ايچ او قابل پيو مون کي اڪيلي ۾ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 44

قمبر، شهدادڪوٽ، نصيرآباد ۽ گاجي کهاوڙ ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرا

مستوئي ۽ ٽانوري شاخن ۾ پاڻي جي اٿهوند خلاف هارين ۽ آبادگارن طرفان ڌرٽو هنيو ويو. ٽائرن کي باهيون

پاڻي جي اٿهوند سبب ساريالو ٻيجارو به ناهيون پوکي سگهيا، چوپايو مال اڄ مري رهيو آهي: آبادگارن جون دانهون

ڪراچي (نمائندن وٽان) قمبر شهدادڪوٽ، نصيرآباد ۽ گاجي کهاوڙ ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرٽا هنيا ويا، شهدادڪوٽ ۾ مستوئي شاخ ۽ ٽانوري شاخ ۾ پاڻي جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 45

مدئجي: شڪارپور پوليس مبينا مقابلي بعد ٽن مفرورن کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪري چڏي

پوليس جعفر راڄپر، سرفراز احمد راڄپر ۽ ثنااللہ راڄپر کي شڪارپور پوليس بازياب ڪرائي ورتو

بازياب ٿيل نوجوان 3 هفتا اڳ پڊ عيدن کان ڳڙهي ياسين مان ٽريڪٽر خريد ڪرڻ لاءِ پهتا ته ڪيرٽر ڪئنال پل وٽان اغوا ٿي ويا

مدئجي (رپورٽر) شڪارپور پوليس مدئجي جي ڪچي واري علاقي ۾ ڪارروائي ڪري پڊ عيدن واسي ٽن نوجوانن کي بازياب ڪرائي ورتو آهي. شڪارپور پوليس مبينا مقابلي بعد پڊعيدن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 46

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب شهر جو دورو ڪندي

آءِ ايم ايف سان معاهدي کان پوءِ بجلي ۽ گيس جي قيمتن ۾ واڌ جو امڪان

اسلام آباد (بيورو) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) سان اسٽاف ليول معاهدو ته ٿي ويو پر / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 47

مغوي جئديپ جو پيءُ آءِ جي سنڌ آڏو روئي ويٺو، بازيابي جو مطالبو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) مغوي نينگر جئديپ جو پيءُ آءِ جي سنڌ آڏو روئيندي پٽ جي بازيابي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 48

ملير ۾ مامي پنهنجي ڀاٽيجي کي گوليون هڻي قتل ڪري چڏيو

قائد آباد ٽاڻي جي حد نيو مظفر آباد واري علاقي ۾ بلال مسجد ويجهو گهر ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

جوابدار علي مغل فائرنگ ڪري پنهنجي ڀاٽيجي 25 ورهين جي فضل خان پٽ حبيب الله کي قتل ڪري چڏيو

ملير (رپورٽر) ملير جي علاقي نيو مظفر آباد ۾ مامي پنهنجي ڀاٽيجي کي گوليون هڻي قتل ڪري چڏيو. قائد آباد ٽاڻي جي حد نيو مظفر آباد واري علاقي ۾ بلال مسجد ويجهو گهر ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو. جوابدار علي مغل فائرنگ ڪري پنهنجي ڀاٽيجي 25 ورهين جي فضل خان پٽ حبيب الله کي قتل ڪري چڏيو / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 49

سکر ۾ منشيات جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ايڪسائيز کاتي پاران آگاهي ريلي ڪڍي وئي

سماج کي منشيات کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ جهاد جي ضرورت آهي ۽ هن جهاد ۾ سماج جي سمورن طبقن جي شرڪت پڻ ضروري آهي

سکر ضلعي ۾ منشيات جي روڪٿام لاءِ ٽيمون جوڙيون ويون آهن، جيڪي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي رهيون آهن: اقبال احمد لغاري

سکر (ڪامران ملڪ) سڄي دنيا ۾ انسداد منشيات جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي، ان ڏينهن جي موقعي تي ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ به آبڪاري ۽ محصولات ڪاتي پاران آگاهي ريلي ڪڍي وئي. جيڪا ايڪسائيز آفيس کان شروع ٿي. ريلوي اسٽيشن تي پهتي ريلي جي اڳواڻي ڊائريڪٽر ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڊپارٽمينٽ سکر ريجن اقبال احمد لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر طالب حسين منگريو ڪئي،/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 50

عيدالاضحيٰ جو ٽيون ڏينهن: قرباني ۽ دعوتن کان پوءِ عوام پارڪن جو رخ ڪيو

سڄي ملڪ ۾ ٽئين ڏينهن به سنت ابراهيمي جي پيروي ۾ جانورن جي اجتماعي ۽ انفرادي قرباني جو سلسلو جاري

عيدالاضحيٰ جي پهرين ۽ ٻئي ڏينهن قرباني جا فرض انجام ڏنا اهي مهمانن جي استقبال ۽ مائٽن سان ملاقاتن ۾ مصروف آهن.

لاهور (م ڊ) سڄي ملڪ ۾ عيدالاضحيٰ جي ٽئين ڏينهن به قرباني، ملڻ جلڻ ۽ دعوتن جو سلسلو جاري رهندو. عوام سير ۽ تفريح لاءِ پارڪن جو رخ به ڪندو. سڄي ملڪ ۾ ٽئين ڏينهن به سنت ابراهيمي جي پيروي ۾ جانورن جي اجتماعي ۽ انفرادي قرباني جو سلسلو جاري آهي. قرباني مان فارغ ٿي ويندڙ مائٽو گوشت جي ورهاست ۾ مصروف آهن. عورتون گوشت کي محفوظ ڪرڻ ۽ مزيدار ڪاڏن ذريعي دستر خوان جي شان وڌائي رهيون آهن. ٻئي طرف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 51

نواب شاهه ۾ ڪار ۽ موٽر سائيڪل ٽڪر، 3 ڄڻا زخمي

نواب شاهه (اسٽاف رپورٽر) نواب شاهه ۾ ڪار ۽ موٽر سائيڪل ٽڪر ٿيڻ سبب 3 ڄڻا زخمي ٿيا. زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. ٽريفڪ پوليس موجب ٽڪر ٿيڻ سبب موٽر سائيڪل سوار زخمي ٿيا. زخمين جي شناخت نه ٿي سگهي آهي. ٽريفڪ پوليس واقعي جي تحقيقات شروع ڪئي آهي. / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 52

ڪراچي ۾ ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل ٽڪر، 2 ڄڻا زخمي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل ٽڪر ٿيڻ سبب 2 ڄڻا زخمي ٿيا. زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. ٽريفڪ پوليس موجب ٽڪر ٿيڻ سبب موٽر سائيڪل سوار زخمي ٿيا. زخمين جي شناخت نه ٿي سگهي آهي. ٽريفڪ پوليس واقعي جي تحقيقات شروع ڪئي آهي. / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 53

پاڪستان ڊيفالٽ ٿيندڙ ملڪ ناهي: اسحاق ڊار

اسان کي ترقي کان هاڻ ڪير به روڪي نٿو سگهي

گذريل 10 ڏينهن ۾ اسان آءِ ايم ايف کي راضي ڪري ورتو: بيان

لاهور (م ڊ) ناٿي واري وزير اسحاق ڊار چيو آهي منهنجو ايمان آهي ته پاڪستان ڊيفالٽ ٿيندڙ ملڪ ناهي، آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿي چڪو آهي، اسان کي ترقي کان هاڻ ڪير به روڪي نٿو سگهي. گورنر هائوس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 56



لاهور: ناٿي وارو وزير اسحاق ڊار ميڊيا سان ڳالهائيندي

عيد تي وڏيڪ گوشت ڪاٽڻ سبب ڪيترائي ماڻهو اسپتالن ۾ داخل

فيصل آباد ۾ گهٽو گوشت ڪاٽڻ سبب 100 کان وڌيڪ شهري بيماري ٿي پيا

سول ۾ 35، الائيڊ 40، جنرل اسپتال، غلام محمد آباد 27 مريض پهتا

لاهور (م ڊ) ملڪ ۾ عيدالاضحيٰ تي وڏيڪ گوشت ڪاٽڻ سبب معدي ۽ پيٽ جي تڪليفن سبب ڪيترن ئي ماڻهن کي اسپتال انڊو ويو. فيصل آباد ۾ عيدالاضحيٰ تي گهٽو گوشت ڪاٽڻ سبب / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 55

هٿياربندن هٿان نينگر مبينا طور اغوا

ڳوٺ قادر چاچڙ ۾ هٿياربندن گهر تي حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪيو: عبدالستار چاچڙ

جوابدار تشدد بعد 7 ورهين جي پٽ نثار چاچڙ کي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور جي ڪچي ۾ هٿياربندن هٿان معصوم نينگر مبينا طور اغوا ٿي ويو گهر ڏٺي عبدالستار چاچڙ جو چوڻ آهي ته ڳوٺ قادر چاچڙ ۾ هٿياربندن گهر تي حملو ڪري مون کي تشدد جو نشانو / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 54

گمبٽ ۾ مبينا طور غربت کان تنگ ٿي عورت جو آپگهات

جادو واهڻ ۾ بختاور کهڙو مبينا طور غربت کان تنگ ٿي زندگي جو انت آندو

اطلاع ملڻ بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي گمس اسپتال پهچايو

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ، گهر ۾ قهرام مچي ويو

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ ۾ چهن ٻارن جي ماءُ مبينا طور غربت کان تنگ ٿي آپگهات ڪري چڏيو آهي. جادو واهڻ ۾ چهن ٻارن جي ماءُ بختاور کهڙو مبينا طور غربت کان تنگ ٿي زندگي جو انت آندو اطلاع ملڻ بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي گمس اسپتال پهچايو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 53

ميهڙ ويجهو بيروزگاري کان تنگ نوجوان ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌي آپگهات ڪري چڏيو

ڳوٺ ٻاڙيا پنهور ۾ 25 سالا ارشاد پنهور زندگي جو ڏيئو اجهائي چڏيو

ارشاد پنهور پنهنجي ڪمري جو در بند ڪري ڳچي ۾ رسو وجهي خودڪشي ڪري چڏي

نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال آندو ويو

ميهڙ (ابوذر سومرو) ميهڙ پرسان ڳوٺ ٻاڙيا پنهور ۾ گهرو پريشانيون ۽ بيروزگاري کان تنگ اچي 25 سالن جي نوجوان ارشاد پنهور پنهنجي گهر اندر ڪمري ۾ چت جي گاڊر ۾ رسو ٻڌي مبينا طور ڦاهو ڪائي خود ڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي چڏيو. نوجوان جي وارثن / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 52

ڪراچي: ثروت اعجاز قادري ميڊيا سان ڳالهائيندي

رڳو 17 ورهين جي عمر کان مون کي انسولين لڳائي ويندي هئي : فواد خان

کراچي (شوبز نيوز) ٽاڪو ٽي هڪ يوٽيوب چينل کي انٽرويو ڏيندي فواد خان چيو ، ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 26

سنجي دت انوکي طريقي سان ورزش ڪرڻ جي ويڊيو وائرل ٿي ڀئي

ممبئي (شوبز نيوز) بالي ووڊ جي سپر اسٽار سنجي دت جي انوکي ويڊيو انوکي طريقي سان ورزش ڪرڻ جي ويڊيو وائرل ٿي ويڊيو / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 27

ادارا رونا تنبن جي ڌيءَ راشا ٿنڊاڻي جي ڪنسرٽ ۽ گيٽ ڳائڻ جي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

راشا ٿنڊاڻي ڪنسرٽ ۽ آنچهاڻي آمريڪي گلوڪارا ايمي وائن هائوس جي يادگار گيٽ "ويليري" ڪي ڪوورجن جي ويڊيو شيئر ڪئي

راشا ٿنڊاڻي جي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي رهيو آهي ۽ مداح سندس آواز کي ساراهي رهيا آهن

ممبئي (شوبز نيوز) بالي ووڊ اداڪارا ترني راشا ٿنڊاڻي ڪنسرٽ ۽ آنچهاڻي آمريڪي گلوڪارا ايمي وائن هائوس جي يادگار گيٽ "ويليري" ڪي ڪوورجن جي ويڊيو شيئر ڪئي. راشا ٿنڊاڻي جي ويڊيو سوشل / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 28

آئور رگو ايترو ڪنڊي آهيان جو ان ڪاري فيڊنگ ڪي هڪ منو ٽائپ انداز ڪري ڇڏيندي آهيان : عليزي شاهه

اوهان اهڙي خوفناڪ ٽرولنگ ڪي ڪئين برداشت ڪندا آهيو ؟ : ميزبان جو عليزي شاهه کان سوال

جيڪي صلاحيتون ناهن رکندا، تہ انهن ۾ ساڙ جا جذبا پيدا ٿيندا آهن ۽ اهي اهڙيون گهٽيا حرڪتون ڪندا آهن : اداڪاره

ڪراچي (شوبز نيوز) پوءِ ڪاسٽ ۾ انٽرويو دوران ميزبان طرفان اداڪارا آئور پچيو وڃڻ تہ اوهان اهڙي خوفناڪ ٽرولنگ ڪي ڪئين برداشت ڪندا آهيو؟ جنهن تي عليزي شاهه چيو تہ "اهڙو ڪو به طريقو ناهي جو ته ڪاريت جو خاتمو ٿي وڃي".

جنهن کي اظهار جي مانهون ۾ گهڻي صلاحيت آهي. آئور رگو ايترو ڪنڊي آهيان / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 29

جيڪڏهن توهان سماج ۾ شفافيت چاهيو تا تہ عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪريو: ڀي سي عمر ڪرٽ

جيڪڏهن بار جي دستاويزن جا مسئلا حل ٿي وڃن تہ پوءِ پيش ايندڙ مسئلا ۽ بار جي حق کي آساني سان حل ڪري سگهجي ٿو

عوام کي انهن جي جائز حقن کان آگاهي ڏيون، جيترٽيڪ چرڪي يا چرڪرٽ 13 يا 14 سالن جو آهي

لوڪل چيئرمين دستاويزن جي فيس ۽ گهٽتائي ڪن تہ جيئن مائهن کي آساني سان سرٽيفڪيٽ ملي سگهن: تقريب کي خطاب

ڪمرڪوٽ (پورٽ) ڀٽي ڪمشنر روڊ ڇوٽ جيڪڏهن بار جي دستاويزن جا مسئلا حل ٿي وڃن تہ پوءِ پيش ايندڙ مسئلا جهوڙڻ جا ڪيس ڪٽڻ آهيا ڇاڻ ميريج.

بار جو استحصال، بار جي حقن کي آساني سان حل ڪري سگهجي ٿو هن اسڪالرن جي هدايت ڪئي تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن کي سرٽيفڪيٽ ڏيو تہ ان

لاڙڪاڻي ۾ منشيات ڪيس ۾ گرفتار نوجوان جي آزاديءَ لاءِ وارثن جو پاڻ ڪتاب ڪڍي احتجاج

قمبر شهر جي رهاسين پوليس هٿان منشيات ڪيس ۾ گرفتار نوجوان جي آزاديءَ لاءِ پاڻ ڪتاب ۽ بينر ڪڍي احتجاج ڪيو

قمبر پوليس منهنجي پٽ محسن علي گوناڻڪ جي برڪت علي شاهه پاڙي مان رستي ويندي بيڪگاهه گرفتار ڪري ڪاڪب ڪري ڇڏيو آهي

منهنجو پٽ پرهيزي ڪري ڪهڙ پائين جو پيٽ ڪٽڻ ڪندو آهيان ۽ اسان جي ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي: رضا محمد

احتجاڪي مظاهرو ڪيو جتي هن سخت تعريبي ٻول ڪڍي. ان موقعي تي پوريهت رضا محمد گوناڻڪ، پنهنجي گهرواري شاهده، سمر غلام فاطمه، پٽ

چڪ رستر مهران هائوس تي شهيدمحترم بينظير پٽو سالگرهه جو چڪ ڪاٽيو ويو

چڪ (پورٽ) رستم مهر هائوس تي ڪامران خان مهر ياران شهيدمحترم بينظير پٽوجي سترهين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ، عهديدارن ، ڪارڪنن جي شرڪت (خبرموجب) گرفتار نوجوان جي آزاديءَ لاءِ پاڻ ڪتاب ۽ بينر ڪڍي پريس ڪلب آڳيان

لاڙڪاڻو: گذر مراسي پوليس جي مبينا زيادتيون خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميڊيڪل يونيورسٽي جي ڊاڪٽرن جي ڪم بند ٿيڻ جي ڌمڪي ڏني آهي

ڪراچي (شوبز نيوز) سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي ڊاڪٽرن جي تنظيم پاران ڪم بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني وئي آهي. ڊاڪٽرن جي تنظيم جي ترجمان ڊاڪٽر ڪاشف ڪلهوڙو ٻڌايو آهي تہ ڪم بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيترن ڏينهن کان ڪيو ويو آهي ۽

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 02 جولائي 2023ع

سنڌ ۾ ساريالو فصل تي سگهندو؟

هن جديد دور ۾ ميونسپل سهولتن کان وٺي صنعت ۽ ڪاروبار تائين هر ڪرت ۽ سهولت بجليءَ جي وهڪ تي آڌاريل آهي. پيٽ جي پاڻيءَ جي فراهميءَ کان وٺي گندي پاڻيءَ جي نڪاسيءَ جي نظام تائين بجليءَ جي موجودگيءَ سان مشروط آهن. سنڌ ۾ جڏهن 16_16 ڪلاڪ بجلي بند رهندي تہ اهو سمجهڻ مشڪل ناهي تہ عوام کي ڪهڙيون ميونسپل سهولتون ملنديون ۽ صنعت ۽ ڪاروبار ڪهڙي ترقي ڪري سگهندا. بجلي پيداوار لاءِ يونٽ لڳائڻ اسان جي حڪمرانن جي ترجيح ئي نہ رهي آهي. انهن جو سڄو زور ڪالاباغ ڊيم تي رهيو ۽ پاڻيءَ تي بجلي ٺاهڻ واري هوڏ رهي. وري تيل ذريعي بجلي پيداوار سبب ملڪ جو امپورٽ بل وڌايو پيو وڃي، جڏهن تہ دنيا ۾ متبادل توانائيءَ جا ماحول دوست طريقا استعمال ٿي رهيا آهن. جڏهن محترما بينظير ڀٽو ڪيٽي بندر رٿا شروع ڪرڻ لاءِ وڪ وڌائي تہ ميان نواز شريف جي حڪومت ان کي ختم ڪري ڇڏيو. ان بعد مشرف حڪومت بہ بجلي پيداوار وڌائڻ لاءِ ڪو تحرڪ نہ ورتو. حد تہ اها آهي، جو مشرف جي 'بيربل ثاني' وزير اعظم شوڪت عزيز وڏندڙ لوڊشيڊنگ کي پنهنجي حڪومت جي نا اهلي تسليم ڪرڻ بدران اهو عجيب منطق پيش ڪيو تہ، بجليءَ جي ڪوٽ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ملڪ ترقي ڪري رهيو آهي. هن وقت لوڊشيڊنگ سبب سڄ کان وڌيڪ سنڌ ڀوڳي رهي آهي، سنڌ کي ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت جي سزا ڏني پئي وڃي. ٻيو تہ رڪوري گهٽ ٿيندڙ علائقن ۾ گهٽي لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي، جيڪا بہ انهن واهپيدارن سان بيواجبي آهي، جيڪي بل باقاعدگيءَ سان ادا ڪن ٿا. باقيدارن جي سزا انهن ماڻهن کي بجليءَ کان محروم ڪري ڇو ٿي ڏني وڃي؟ ٻيو تہ بلن جي اوڳاڙي نہ ڪري سگهڻ بجلي ڪمپنين جي عملي جي نا اهلي آهي، ان نا اهليءَ جي سزا عوام ڇو پوڳي؟ جيڪي لائين لاسز ڏيکاريا وڃن ٿا، اهي هڪ تہ بجليءَ جي پراڻي انفراسٽرڪچر سبب ٿين ٿا، ٻيو تہ گهٽي بجلي، انهن ڪمپنين جو عملو پاڻ غير قانوني طور وڪڻي ٿو. اها چٽي بہ باقاعدگيءَ سان بل ادا ڪندڙ واهپيدارن کان پرائي وڃي ٿي. اسان اڳ بہ هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون تہ، سنڌ کي ان جي حصي کان وڌيڪ ڪوٽ ڪٽائي پئي وڃي. سنڌ حڪومت ماڻهن کي بجلي ڪمپنين جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي. هاڻي تہ شديد گرمين ۾ گهٽي لوڊشيڊنگ سبب ماڻهو مرڻ لڳا آهن ۽ احتجاجن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. اهي احتجاج پرتشدد رخ بہ وٺي سگهن ٿا، جنهن ڪري بہ سنڌ حڪومت لاءِ امن امان جو مسئلو ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ماڻهن جي واري نہ ڪرڻ ڪنهن بہ ريت دانشمندي نہ آهي. شديد گرمين جي ڏاڙن ۾ سنڌ ۾ 16_16 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ تي اسان ڳڻتيءَ جو اظهار ڪريون ٿا ۽ سنڌ حڪومت کان اها گهر ڪرڻ ۾ حقي واجبي آهيون تہ سنڌ سان ٿيندڙ ان نا انصافيءَ جو معاملو وفاقي حڪومت وٽ اٿاريو وڃي، جنهن حڪومت ۾ سنڌ جي حڪمران جماعت بہ حصيدار آهي. امڪاني برساتن ۾ پڻ بجلي ڪمپنين کي پابند بڻايو وڃي تہ اهي بنا ڪنهن رنڊڪ جي بجلي فراهميءَ کي يقيني بڻائين تہ جيئن ميونسپل سهولتن ۾ رخنو نہ پوي.

چين ۽ روس يوآن ۽ روبل ۾ واپار شروع ڪري ڇڏيو

گل محمد منگي

هڪ طرف چين لاطيني آمريڪا جي ملڪن سان ڊالر جي بجاءِ سنڌن پنهنجي ڪرنسي ۾ ڏيتي ليتي شروع ڪئي آهي تہ ٻئي طرف وري چين ۽ روس يوآن ۽ روبل ۾ واپار شروع ڪري ڇڏيو آهي پر اسان وارو وطن عزيز هن خطي جو واحد اهڙو ملڪ آهي جيڪو واپار هجي يا ڏيتي ليتي صرف ڊالر ۾ ڪندو رهيو آهي ۽ هن وقت بہ ساڳي راهہ جو پانڌيئڙو آهي هونئن بہ اسان وارن معاشي ماهرن کي هر بهتر شئي جي خبر سڀني کان آخر ۾ پوندي آهي جهڙي ريت آمريڪا جڏهن افغانستان مان تڏا ويڙهي روانو ٿيو تہ بہ اسان وارا حڪمران آمريڪا مان آس لڳايو ويٺا رهيا ۽ امداد، قرض توڙي خيرات ۽ صدقات حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ڏانهن ليلائيندا رهيا آهن ۽ هن وقت سنڌن خواهش اها ئي آهي تہ ڪاش آمريڪا هنن مٿان شفقت جو هٿ نہ هٽائي!

اصل مسئلو هي آهي تہ پاڻ وارن نيتائن جا پريوار ۽ پيسا يورپ، آمريڪا ۽ آسٽريليا ۾ موجود آهن سمورا عياش حڪمران توڙي وطن تي جان گهورڻ لاءِ پريشان جرنيل، ڪرنيل توڙي جج ۽ وڏا وڏا واپاري پنهنجا ٻار ٻچا بہ ماسڪو ۽ بيجنگ بجاءِ واشنگٽن، لنڊن ۽ پيرس مان تعليم پرائي رهيا آهن انڪري سنڌن مستقبل اڄ بہ يورپ ۽ آمريڪا سان سلهاڙيل آهي

سوويت يونين مان نام نهاد اسٽيٽ ڪيپيٽلزم جي خاتمي کان پوءِ جتي سرد جنگ جي لعنت ختم ٿي اتي قومي رياستن جي انتهاپسندي واري سوچ کي بہ ڏڪ لڳو ۽ ان سان گڏ اها ڳالهہ بهتر ٿي تہ جيڪي ملڪ جنگي حوالي سان آمريڪا تي پاڙيندا هئا انهن کي اهو موقعو ملي ويو تہ دفاعي طور تي فڪر ختم ڪري پنهنجي عوام لاءِ سوچين انهن ۾ سرفهرست آئيس ليند ۽ ڪوسٽاريڪا سميت اهي ننڍا ملڪ آهن جن فوج تي خرچ ٿيندڙ پيسا عوام جي پلائي تي لڳائڻ شروع ڪيا ۽ آهستي آهستي فوج کي ختم ڪري ڇڏيو جڏهن جنگ ڪرٽي ئي نہ آهي تہ ٻوءِ فوج رکڻ جو ڪهڙو فائدو؟ ان لحاظ کان اهي ملڪ نہ صرف ترقي ڪندا ويا پر عوام بہ مطمئن ٿي ويو هاڻي سوال اهو آهي تہ دنيا جنگ بجاءِ امن جو رستو ورتو آهي پر آمريڪا، روس، چين ۽ هندستان وري جنگ جي جنون ۾ ورتل آهن ۽ ڳالهين جي بجاءِ رڳو هٿيارن جي زبان ڳالهائي خطي کي جنگي جنون طرف وٺي وڃڻ گهرن ٿا تازو روس پاران يوڪرين جي خلاف اڳرائي بہ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ 21_هين صدي ۾ بہ وڏن ملڪن تي جنگي جنون سوار آهي جيتوڻيڪ چين جو اهو ڪارنامون پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ انهن ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ صلح ڪرايو آهي ۽ ان جا هن خطي تي هاڪاري اثر پوندا پر چين ۽ هندستان جي وچ ۾ جنگي چڪتاڻ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ۽ ان کي حل ڪرڻ طرف ڪا خاص پيش قدمي نظر نہ اچي رهي آهي

انهن سڀني تبديلين جي ڪري هڪ طرف جتي دنيا بهتري طرف وڃي رهي آهي اتي اهو بہ نظر اچي رهيو آهي تہ آمريڪي ڊالر جي هڪ هٿي بہ خطري ۾ پئجي چڪي آهي اهو بہ امڪان موجود آهي تہ جيڪڏهن آمريڪا ڪمزور ٿئي ٿو تہ ان جو فائدو يا ڪنهن نقصان جو بہ انديشو آهي؟ اندشو اهو آهي تہ ڪٿي آمريڪا وارو سامراجي ڪردار هن خطي ۾ چين، هندستان ۽ روس شروع ڪري نہ ڏين آءِ ايم ايف جي جاءِ برڪس ۽ ورلڊ بينڪ جي جاءِ شنگهائي بينڪ نہ والاري!؟ سامراج جو ڪردار آمريڪا جي بجاءِ ڪا ٻي قوت نہ اختيار ڪري وٺي ۽ دنيا جا ڳيجهو ملڪ وري ساڳي طرح نئين سامراج جي چار ۾ نہ ڦاسي وڃن

ان صورتحال مان نڪرڻ جو هن وقت تائين ڪنهن بہ ڏر پاران ڪو فارمولو سامهون نہ آيو آهي ڊالر جي جاءِ جيڪڏهن يوآن ۽ روبل والارين ٿا تہ ٻوءِ ڪهڙو فرق پوندو چين ان اندشي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪي بہ اپاءَ وٺڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ ان جو زور OBOR جنهن ۾ سي پيڪ بہ شامل آهي ان تي پورو زور لڳائي رهيو آهي ان ۾ گهٽو تٽو فائدو چين جو ئي آهي چين ان رٿا ذريعي جيتوڻيڪ سمنڊن تي آمريڪا جي اجاره داري کي چيلنج ڪري چڪو آهي ۽ ان جي ڪري آمريڪا جي "سامراجي هڪ هٿي کي ڏڪ بہ لڳو آهي پر مستقبل ۾ آمريڪا ڪهڙي طرح دنيا ۾ پنهنجي مالي مفادن کي محفوظ بڻائيندو ان حوالي سان ظاهر آهي تہ آمريڪي ادارا ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪارروائين ۾ مصروف عمل هوندا اها چڪتاڻ ڪهڙو رنگ لاڌندي خاص طور تي انهن ملڪن ۾ جيڪي آمريڪا جا پاڙيسري آهن خاص طور تي لاطيني آمريڪا جا ملڪ جتي هن وقت چين آهستہ آهستہ پيش قدمي ڪري رهيو آهي

سياسي صورتحال تي وڏا بحث

غلام مصطفي جمالي

هن وقت پاڪستان ۾ جتي سياسي صورتحال تي وڏا بحث هلي رهيا آهن. اتي حڪمرانن کان ملڪ جا اهم ۽ وڏا مسئلا ڇڻ ذهن تان هلي ويا آهن. انهن مسئلن مان هڪ مسئلو سنڌ اندر ڪوڙا دوميسائل ۽ پي آر سي يون ٺهرائي نوڪري ڪندڙ ڏارين جو آهي جيڪي سنڌ جي اصل نوجوانن جو حق کائي ويٺا آهن ۽ ڪين قتل ڪري رهيا آهن ٻيو افغان پناهگيرن جو مسئلو بہ هڪ اهم مسئلو آهي. افغان پناهگيرن جي پاڪستان ۾ رهائش کي جتي ڏارين ٻولين وارا صوبا رد ڪري چڪا آهن اتي ڪي پي ڪي جي عوام جيڪا افغان پناهگيرن جي ئي زبان ڳالهائيندڙ عوام آهي انهي عوام خد افغان پناهگيرن کي پاڪستان ۾ رهڻ واري ڳالهہ کي رد ڪري چڪي آهي جڏهن تہ گذريل حڪومت ۾ انهن خلاف احتجاج ڪيو ويو هو تہ افغان پناهگيرن کي هاڻ واپس وڃڻ گهرجي جڏهن تہ ڪي پي ڪي جي حڪومت اتي اهڙا بہ بيان ڏنا هئا جن ۾ اهو واضح چيو ويو هو تہ افغان پناهگيرن کي پاڪستان مان جلد کان جلد نيڪالي ڏني وڃي. ڪي پي ڪي صوبي جي پيٽ ۾ بلوچستان ۾ بہ پشتو ڳالهيندڙ پڻ ڪيتري عوام رهي ٿي اتي بلوچستان جي حڪومت پڻ اهڙو ئي بيان ڏنو هو تہ جيڪڏهن پاڪستان مان افغان پناهگيرن کي نيڪالي نہ ڏني وئي تہ ڪين ڏکا ڏئي ملڪ بدر ڪيو ويندو. جڏهن تہ اڳوڻي بلوچستان جي گهرو وزير پڻ اهڙو بيان ڏنو هو تہ حساس ادارن کارروائي ڪندي افغان انٽليجنس جي ڇهہ دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو هو جن ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث هوئڻ اعتراف ڪري ورتو هو. جڏهن تہ گهرو وزير اهو بہ چيو هو تہ گرفتار ٿيل دهشتگردن ۾ محبوب خان ۽ عصمت الله تارگيٽ ڪلنگ ڪندا هئا ۽ انهن جو تعلق هلمند سان هو. ان وڏيڪ چيو هو تہ دهشتگرد افغان ڪيمپ ۾ رهيا ۽ اتي ئي وڏا ٿيا ۽ اسانجي ماڻهن کي قتل ڪيو. هاڻ گهڻو ٿيو ويو آهي افغانين کي هاڻ وڃڻو ئي پوندو. پر جتي سوال ٻين صوبن جو آهي تہ اهي افغان پناهگيرن جي واپسي خلاف نہ رڳو احتجاج ڪري رهيا آهن پر انهن مان بيزاري ظاهر ڪري ڪين ڏکا ڏيڻ جي بيان پڻ سامهون اچي آهن جن ۾ نہ رڳو صوبن جي عوام شامل آهي پر انهي صوبن جا وزير عوام سان گڏ احتجاج ڪندڙن جي وڏي ۾ انگ شامل هئا. پر ڳالهہ هاڻ ڪجي سنڌ صوبي جي عوام جي تہ انهي افغان پناهگيرن جي واپسي خلاف خاموشي وارو رويو چو رکيو آهي جيڪو بلڪل بہ سمجهہ کان ٻاهر آهي، جڏهن تہ سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي ۾ وڏي تعداد ۾ افغان پناهگير رهن پيا. جيڪي نہ رڳو هتي جي شهريت حاصل ڪري رهيا آهن پر ڪراچي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ افغاني ملڪ جي نالي سان لڳل پوسٽرن سان پنهنجا ڪاروبار بہ ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ اوهانکي ياد هوندو تہ ڪي پي ڪي مان ايم پي اي جي سيٽ تان ڪٽي ايندڙ افغاني نڪتو هو جنهن جا ميڊيا ۾ بحث هليا هئا. رهي ڳالهہ سنڌ جي تہ ڪراچي جي ڪيترن ئي وسندين تي هن وقت بہ انهن افغان پناهگيرن جو مڪمل قبضو آهي، ۽ انتظاميہ انهي افغان پناهگيرن واري معاملي تي مڪمل خاموشي وارو ماحول ٺاهيو اچي جنهن سان نہ رڳو ڪراچي ۾ افغان پناهگير پنهجون رهائش گاهون مظبوط ڪري رهيا آهن پر نادرا جي سفارشي عملي سان ملي ڪري پاڪستاني شهريت حاصل ڪري هميشہ لاءِ پاڪستان ۾ رهڻ جا منصوبا جوڙي رهيا آهن، جيڪي سنڌ صوبي جي امن امان لاءِ هڪ وڏو خطرو ثابت ٿيندا. جتي افغان پناهگيرن جو مئسلو آهي تہ افغان پناهگيرن جي آڙ ۾ پاڪستان اندر دهشتگرد پناهہ وٺي رهيا آهن، انڪري افغانين جي صدر کي گهرجي تہ هاڻ افغان پناهگيرن کي واپسي گهرائي. جڏهن تہ افغان پناهگيرن جي صورت ۾ هڪ وڏي لنڪ موجود آهي. ان ڪري انهي ۾ ڪوشڪ ناهي تہ پاڪستان ۾ افغان پناهگيرن جي صورت ۾ دهشتگردن جو هڪ وڏو ٽولو وجود آهي جيڪو نہ رڳو پاڪستان ۾ وڏندڙ دهشتگردي جو سبب بڻيل آهي پر انهي سان گڏ صوبن جي عوام جا بہ حق ڪائي رهيو آهي. هڪ تہ ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ فوج رات ڏينهن ڪوششون ڪري رهي آهي اتي ٻيو ظلم پاڪستان مٿان نواز حڪومت ڪيو هو جنهن خد انهي افغان پناهگيرن کي پاڪستان ۾ چهہ مهينا رهڻ جي اجازت ڏئي ظلم ڪيو هو جيڪا ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي. ملڪ ۾ حمڪرانن پنهنجي عوام جا سور حلقا ڪرڻ بجاءِ انهي عوام کي ٽيڪس کان ويندي لوڊشيڊنگ، منهگائي جهڙيون اذيتون ڏئي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اتي مٿان وري افغان پناهگيرن کي پاڪستان ۾ پناهہ ڏئي ڪري خد پاڪستان ۾ دهشتگردي کي پاڻ ڏنو آهي، جيڪي عوام ۽ ملڪ لاءِ هڪ وڏو المي آهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ هن وقت پي ٽي آءِ جي حڪومت جي وزيراعظم عمران شهباز شريف کي انهي افغان پناهگيرن جي معاملي تي سوچڻ گهرجي ۽ عالمي برادري کي گهرجي افغان پناهگيرن جي وڃڻ جي لاءِ انتظام ڪري ۽ هوهتان هليا وڃن. اها بہ ڳالهہ سچ آهي تہ بلوچستان مان جيڪي سمورا دهشتگردن گرفتار ڪيا هئا انهن مان چاليهہ کان وڌيڪ ماڻهن کي قتل ڪرڻ وارن پڻ اهو اعتراف ڪيو هو. جڏهن تہ بلوچستان حڪومت اهو بہ چيو تہ نادرا هنن کي 20 هزارن عيوض شناختي ڪارڊ ڏاهي ڏنا هئا. جڏهن تہ ڳالهہ رڳو بلوچستان جي ناهي جيڪي افغان پناهگيرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن پر سنڌ بہ سراپا احتجاج آهي ۽ خود خيبرپختونخواهہ سرڪار بہ افغان شهرين جي وطن واپسي جو مطالبو ڪري رهي هئي. سنڌ ۾ بہ افغان پناهگيرن جو تعداد 20لک کان مٿي جو آهي جيڪي ڪراچي سميت سنڌ جي ڪيترن ئي ٻهراڙين وارين علائقن ۾ رهائش پزير آهن. ان ڪري حڪومت کي گهرجي تہ افغان پناهگيرن جي معاملي کي سنجيدگي سان ويهي سوچي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ افغان پناهگيرن جا انگ اڪر جوڙي ۽ جئين وفاق حڪومت جڙي تہ اهي انگ اڪر انهي وفاق کي موڪلي ۽ وفاق کان اهو مطالبو ڪري تہ انهن افغان پناهگيرن کي جلد کان جلد سنڌ ۾ ٻاهر ڪڍيو وڃي، ڇو تہ افغان پناهگيرن جو اصل هنڌ سندس ملڪ افغانستان آهي ان ڪري ڪين اتي ئي رهڻ گهرجي. جڏهن تہ پناهگيرن جي سهائتا واري ايجنسي (يو اين ايچ سي آر) پڻ اهو ڪليل لفظن ۾ چيو هوتہ پاڪستان پناهگيرن جو ڳڙه بڻجي ويو آهي. پر اها بہ حقيقت آهي تہ هن وقت پاڪستان ۾ پناهگيرن جو تعداد جنهن کي پاڪستان جي نادار رجسٽرڊ ڪيو آهي اهو بہ سورهن لک کان مٿي جو آهي. جن جي حڪومت ڪيترن ئي سالن کان وٺي باعزت واپس پنهنجي ملڪ موڪلڻ جو چئي رهي آهي پر انهي چوٽي ۾ بہ ڪا سنيجدگي سڌڻ ۾ نہ پئي آئي، جڏهن تہ هي اهي پناهگير آهن جيڪي پاڪستان جي نادرا وٽ رجسٽرڊ آهي جڏهن تہ ڪيترائي پناهگير بنا رجسٽرڊ جي بہ پاڪستان ۾ رهي رهيا آهن. جڏهن تہ سنڌ صوبي اندر رجسٽرڊ پناهگيرن جو تعداد بہ 66هزار کان مٿي جو آهي. جيڪي سنڌ ۾ رهيا پيا آهن. جڏهن تہ سڄي پاڪستان ۾ رهندڙ افغان پناهگيرن جي ڪوبہ رڪارڊ موجود ئي ناهي. جڏهن تہ افغان پناهگيرن جو وڏي ۾ وڏو انگ ڪي پي ڪي ۾ آهي ۽ ٻيو نمبر سنڌ ۾ آهي. اوهانکي ڳالهہ ٻڌي حيرت ايندي هوندي تہ 1980کان 2005ع تائين افغان پناهگيرن جي رجسٽري جو تصور بہ نہ هو جڏهن تہ ان وقت نہ پاڪستان وٽ ۽ نہ ئي "يواين اي" وٽ ڪو رڪارڊ موجود هو ۾ پاڪستان حڪومت پاران 70لک ڊالر جي خرچ سان هڪ اداري "يواين اي ايچ سي آر" پاران افغان پناهگيرن جي آدم شماري ڪرائي وئي جنهن ۾ انهن جو انگ 20لک 4هزار کان مٿي جو هو ان ڪري هن وقت مان نہ ٿو سمجهان تہ پاڪستان ۾ جهڙي ريت آبادي آهي انهي ريت افغان پناهگيرن جو پاڪستان ۾ رهڻ مسئلا پيدا ڪرڻ آهي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ان وقت نئي حڪومت اچڻ ۾ باقي ڪجهہ ڏينهن بچيا آهن انڪري مان اهو ئي چوندس تہ جتي ن ليگ حڪومت آڻڻ لاءِ عوام کي نئي پاڪستان جا خواب ڏيکاري رهيو آهي ان سان گڏ ن ليگ ۽ سنڌ حڪومت کي افغان پناهگيرن جي معاملي تي بہ غور ڪرڻ گهرجي.

> *جتي افغان پناهگيرن جو مئسلو آهي تہ افغان پناهگيرن جي آڙ ۾ پاڪستان اندر دهشتگرد پناهہ وٺي رهيا آهن، انڪري افغانين جي صدر کي گهرجي تہ هاڻ افغان پناهگيرن کي واپسي گهرائي. جڏهن تہ افغان پناهگيرن جي صورت ۾ هڪ وڏي لنڪ موجود آهي. ان ڪري انهي ۾ ڪوشڪ ناهي تہ پاڪستان ۾ افغان پناهگيرن جي صورت ۾ دهشتگردن جو هڪ وڏو ٽولو وجود آهي جيڪو نہ رڳو پاڪستان ۾ وڏندڙ دهشتگردي جو سبب بڻيل آهي پر انهي سان گڏ صوبن جي عوام جا بہ حق ڪائي رهيو آهي. هڪ تہ ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ فوج رات ڏينهن ڪوششون ڪري رهي آهي اتي ٻيو ظلم پاڪستان مٿان نواز حڪومت ڪيو هو جنهن خد انهي افغان پناهگيرن کي پاڪستان ۾ چهہ مهينا رهڻ جي اجازت ڏئي ظلم ڪيو هو جيڪا ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي. ملڪ ۾ حمڪرانن پنهنجي عوام جا سور حلقا ڪرڻ بجاءِ انهي عوام کي ٽيڪس کان ويندي لوڊشيڊنگ، منهگائي جهڙيون اذيتون ڏئي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اتي مٿان وري افغان پناهگيرن کي پاڪستان ۾ پناهہ ڏئي ڪري خد پاڪستان ۾ دهشتگردي کي پاڻ ڏنو آهي، جيڪي عوام ۽ ملڪ لاءِ هڪ وڏو المي آهي.*

جيڏانهن ڪريان پرڪ

ڊاڪٽر صبغت عزيز مهيسر

عبادت صرف رب پاڪ لاءِ بندگي صرف باري تعاليٰ لاءِ آهي، ڪلمو نماز روزو زڪوات حج توڙي قرباني سڀ بندو ان لاءِ ادا ڪري ٿو تہ جيئين باري تعاليٰ جي ٻاجهہ حاصل ٿي سگهي، ان لاءِ اخلاص اهم ترين شيي آهي، پر اڄ هي اهوجہ انسان اهڙو عمل ڪري ٿو جنهن سان سندس ڪيل عبادت قبوليت کان ڪافي دور رهي ٿي، ڇو تہ هن جي عبادت صرف ڏيکاءُ، صرف سيلفيون، صرف تصويرون، صرف ٽڪ ٽاڪ، صرف وڊيو ڪلپس تائين محدود رهجي ويي آهي، عبادت انسان جي زندگيءَ ۾ تبديليءَ جو مظهر آهي، ڪلمو چوي ٿو اقرار باللسان وتصديق بالقلب، نماز چوي ٿي ان الصلوات تنهي عن الفحشآءِ والمنڪر، روزو چوي ٿو ڪتب عليڪم الصيام ڪما ڪتب علي الذين من قبلڪم لعلڪم تتقون، زڪوات چوي ٿي ومما رزقناهم ينفقون، حج چوي ولله علي الناس حج البيت من استطاع اليہ سبيلا، اهڙي طرح قرباني تقرب الاهيءَ جو ذريعو ۽ انسان جي انا کي ختم ڪري ڪريم قادر جي قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، جليل القدر پيغمبر حضرت ابراهيم ۽ سندس پٽڙي حضرت اسماعيل عليهما السلام جي زندگيءَ کي ٿورو غور سان پڙهبو تہ معلوم ٿي ويندو ڪيين انهن هڪڙي اشاري يا سڏ تي رب پاڪ کي لبيڪ لبيڪ پڪاريو ۽ شيطان توڙي نفس جي نفي ڪري تقرب الاهيءَ لاءِ پنهنجو پاڻ کي پيش ڪيو، اڄ سموري انسانيت جو مني جي مقام تي وڏي ۾ وڏو ۽ عظيم خيمن جو شهر اسان کي ڪهڙو پيغام ڏسي ٿو، اسان وڃي شيطان سان گڏ سيلفيون ڪڍي انسانيت جي شان کي لڄايون ٿا، جنهن شيطان رب آڏو انسان جي وجود تي اعتراض واريو ۽ رب جي حڪم تحت سجدو نہ ڪيو هو اڄ اسان ان سان گڏ سيلفي ڪڍي دوستيءَ جو داستان جوڙيون پيا. ڪلمو تہ اسان پيدايشي پڙهيل آهيون، نماز ۾ ڏيکاءُ تراويح ۾ تصويرون، روزي افطاري ۾ طعامن جي پرمار، زڪوات ۾ ڏيون هڪڙو وڳو ساڻ سو سيلفيون، حج لاءِ تہ احرام پهري گهر کان ويندي موٽڻ تائين مووي نہ پرجي تہ ڇڻ حج جو پتو يي نہ پوي، اهڙو يي حال اڄ اسان جي ڪيل قرباني جو آهي جيڪر نہ پلو ڊور ملي پوي ٿو پوءِ سڄو پاڙو ويل ۾ سڄو ڏينهن پاڙي ۾ پيا بوڙاييندا، ڪيس گاهہ ڪارايي گند گهٽين ۾ پيواچليل هوندو، ڊور ڊڳي ٻڪرن کي موٽر لڳائي پاڻيءَ سان ڌوبو پوءِ پل سڄي گهٽي گپ ٿي وڃي جيين گهر جو فرش ڌوبي پاڻي گهٽي ۾ وهندو پيو، گهر ٻاهر گاڏي ڌوبي پوءِ گهٽي گپ گپ پل ٿيي، اهڙي طرح قرباني جهڙي افضل عمل ادا ڪرڻ کان اڳ اسان جو رويو ۽ وري قرباني ادا ڪرڻ بعد تہ پناهہ رت بہ اتي، مندي ۽ ڪر بہ اتي تہ اوجهڙي بہ اتي، مون پهريان عرض ڪيو تہ هر عبادت انسان جي حيات عمليءَ ۾ تبديلي جي اهجاڻ آهي جيڪڏهن تہ اها عبادت اخلاص سان ڪيل هجي، حج انسان جي گناهن کي ڌوبي ڇڏي ٿو، قرباني قرب الاهي جو باعث آهي پر هي انسان عبادت جي اثر کان جهڙوڪر خالي رهي ٿو. حضرت ابراهيم عليہ السلام کي رب پاڪ وڏي ڄمار ۾ سندن ٻي گهر واري بيبي حاجره عليها السلام منجهان پٽڙي جي اولاد عطا ڪيي فرشتي جبرائيل جي بشارت ملي پٽڙي جو نالو اسماعيل رکيو پوءِ رب پاڪ ڪين پهرين گهر واري بيبي ساره عليها السلام منجهان بہ پٽڙو اسحاق بخشيو، الله جل شانہ جي حڪم تحت پٽڙي اسماعيل ۽ سندس والده بيبي حاجره عليها السلام کي ويران وادي ۾ ڇڏي آيو جتي انسانيت جو وجود پري پري تائين نہ پيو نظرجي پر حڪم خداوندي کي ابراهيم اسماعيل ۽ حاجره عليهم السلام سڀن تسليم ڪندي اطاعت ۽ صبر ڪيو پوءِ ڏسو تہ زم زم بہ جاري ٿي پيو ۽ ويران وادي آباد ٿي ويي جهڙي انداز سان نبيءَ جي گهر واري ويران وادي ۾ رهڻ کي مشعيت خداوندي ڄاڻو تہ ڏسو سندس ڪيل سڀ عمل رب پاڪ قبولي ورتا ۽ انهن کي رهندي دنيا تائين جاري ساري پڻ ڪري ڇڏيو، دراصل حضرت آدم عليہ السلام جي پاران جوڙيل دنيا جي تختي تي الله رب العزت جو پهريون گهر بيت الله يعني ڪعبت الله کي نيين سر جوڙايئ جو بندوبست ڪرڻو هو ۽ اهو ڪم پنهنجي پياري پيغمبر ابراهيم ۽ اسماعيل عليهم السلام کان وٺڻو هو ۽ آخري پيغمبر محمد مصطفي درود هجن مٿي لک هزار کي سندس خاندان مان موڪلڻو هو آهي ٻہ وڏا اعزاز هيا جنهن جي ماڻڻ سببان رب پاڪ کين اطاعت ۽ استقامت جي امتحان سان پرکيو ۽ يقين رکو جنهن کي بہ رب پاڪ آزمايڻ چاهي ٿو ان کي اهي امتحان يعني اطاعت ۽ استقامت جي ڪسوٽيءَ ۾ پرکي ٿو، حضرت اسماعيل جون عادتون سندس اخلاق ۽ سندس سيرت پڻ صورت بي مثال هيي. رب پاڪ پنهنجي نيڪ ٻانهن کي آزمايشن سان پرکيندو آهي، قرباني گهرندو آهي تہ ڄاڻي تہ منهنجو ٻانهو مونسان ڪيترو وفادار آهي، نبيءَ جو خواب بہ سچو هوندو آهي جو پاڻ خواب ۾ ڏسن ٿا تہ رب پاڪ مونکان پنهنجي پياري چيز سندس نالي تي قربان ڪرڻ گهري ٿو، ابراهيم عليہ السلام جي خواب جي جواب ۾ اسماعيل عليہ السلام بہ لبيڪ چوي ٿو بابا ساڻين جيڪڏهن رب جي اها رضا آهي تہ مونکي صابرين منجهان لهندي، سنڌ جو سرواڻ شاعر پٽايي رح اسماعيل عليہ السلام جي زبان سان ڪجهہ هن انداز ۾ الفاظ چورايي ٿو:

جانب منهنجي جيءَ ۾ تنهنجي طمع پوءِ
وٽ ڪاتي وڍ انگڙا منهنجو ادب ڪرم ڪوءِ
پانيان پال سنڌوءَ جي ساجن سنيون نهارين

الله جل شانہ جي حڪم تحت جڏهن سندس پياري پيغمبر ابراهيم پٽڙي اسماعيل کي قرباني لاءِ پيش ڪيو تہ ان وراڻيو ستجدوني ان شآءَ الله من الصابرين، سندن اخلاص سندن نوڙت سندن صبر کي آزمايندي رب تعاليٰ جنت مان دنبو آڻي سندن قرباني کي قبوليت بخشي ۽ رهندڙ دنيا تائين جي مومن مسلمانن لاءِ عبادت، اطاعت، اخلاص، صبر ۽ استقامت جي آزمايش کي جاري رکيو تہ پرکي سگهي تہ ڪير عبادت گذار آهي، ڪير اطاعت گذار آهي، ڪير اخلاص وارو آهي، ڪير صبر ڪندڙ استقامت وارو ۽ ڪير آزمايش تي پورو لهندڙ آهي، انسان جي عبادت ۾ رياڪاري نہ هجي، اطاعت ۾ اڪڙ نہ هجي، اخلاص ۾ ڏيکاءُ نہ هجي ۽ صبر ۾ جلد بازي نہ هجي صبر تي مستقل مزاج رهڻ قرباني جو اصل مقصد بہ اهويي آهي.

قرباني خاطر سئو جانور وٺڻ سئي ڳالهہ آهي، جانور کي سينگارڻ سنوارڻ سئي ڳالهہ آهي، جانور کي پنهنجي اولاد وانگر چاهڻ ۽ ان سان انسيت پيدا ڪرڻ پڻ ضروري امر آهي، گاهہ جو گند گهٽيءَ ۾ نہ اڇلايون، پاڙي وارن کي ڪنهن قسم جي تڪليف نہ پهچايون، گهٽين ۾ اوجهڙي ۽ غلاظت نہ اڇلايون، قرباني خاطر اسان جو ڪو بہ اهڙو عمل جيڪو پاڙيوارن جي تڪليف جو باعث بڻجي ان کان بچون، قرباني ۾ ڏيکاءُ نہ ڪيون، پاڻ نہ پڌايون، اهو عمل يي اجايو آهي جنهن ۾ ڏيکاءُ هجي، قرباني بعد گوشت تہ ملي ٿو ۽ اهو پاڻ يي ڪايي پيٽ پريون ٿا، حديث جو مفهوم آهي تہ رب پاڪ وٽ توهان جي ڪيل قرباني جو نہ ڪي گوشت پهچي ٿو نہ يي رت، نہ ڪي ڪل پهچي ٿي نہ ڪي ميجالو، نہ يي سندس ڪر، پر هاڻ جيڪي ڪجهہ رب پاڪ وٽ پهچي ٿو اهو توهان جو اخلاص آهي، توهان جي استقامت آهي، توهان جي صدقي ڪرڻ جو جذبو آهي، توهان جي خير خيرات جو ارادو آهي، توهان جي مسڪينن سان همدردي آهي، توهان جي نيت آهي، اصل ۾ توهان کي نفس جي نفي ڪرڻي آهي، توهان کي اناپرستيءَ جي مخالفت ڪرڻي آهي، توهان کي ڪبر ۾ ڪمي آٽڻي آهي، توهان کي طمع ۾ ڪمي آٽڻي آهي. قرباني جي گوشت کي پاڻ ڪايون، مٽن مايٽن کي ڪارايون، پاڙيوارن کي ڪارايون، مسڪينن محتاجن کي ڪارايون، بي پهچن تائين پهچايون. انسانيت جي عبادت جو شرف اهو آهي تہ الله جل شانہ جي اطاعت تي استقامت آڻجي، نفسانيت کي ماري انسانيت کي اپنايجي، حقيقت ۾ قرباني جو اهويي عظيم فلسفو آهي

بقايا 01

اوپن ٽينس ٽورنامينٽ جي ٻئي راؤنڊ ۾ شڪست کائڻ بعد ايونٽ مان نڪري وئي آهي. ميڊيا مطابق وينس وليمز کي ٻئي راؤنڊ ۾ لتويا جي رانديگرياٽي جيلينا اوتاپسڪو شڪست ڏئي ايندڙ مرحلي ۾ پهچي وئي آهي، ويمنز سنگلز ۾ ٻنهي راندين گرياٽين وچ ۾ شاندار ۽ دلچسپ راند ڏسڻ وٽان ملي آهي.

بقايا 02

ڪانٽريڪٽ ۾ دير ٿيڻ جو امڪان ڏيکاريو ويو آهي. ميڊيا مطابق چيئرمين جي چونڊ واري معاملي ۾ اڃا تائين صورتحال واضح نه ٿيڻ سبب 30 جون تي ختم ٿيندڙ سينٽرل ڪانٽريڪٽ بعد نئين ڪانٽريڪٽ تي ڪا اڳپرائي نه ٿي سگهي آهي. جنهن سبب امڪان آهي ته نئون ڪانٽريڪٽ ٿيڻ ۾ دير ٿيندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٽيسٽ ڪرڪيٽر اظهر علي جي رٽائرمينٽ سبب اهو نئين ڪانٽريڪٽ مان آئوٽ ٿي ويندو. جڏهن ته فواد عالم، ياسر شاهه، نعمان علي، خوشدل شاهه، عثمان قادر، زاهد محمود پاران جڳهه برقرار رکڻ ڏکيو نظر اچي پيو. ذريعن موجب تيز بالر نسيم شاهه، حارث رئوف کي ترقي ملڻ جو امڪان آهي. افتخار احمد، صائم ايوب، احسان الله، زمان خان ۽ اساما مير کي ڪانٽريڪٽ ملڻ جي اميد آهي.

بقايا 03

ڪري چڙڻ گهرجي. هن چيو ته سرفراز ڪنڊيل ٽن سيزن ۾ سئو جي ايوريج سان رنسون ٺاهي رهيو آهي، ٽيم ۾ چونڊجڻ لاءِ ڪيس ايڏا چا ڪرڻ گهرجي؟.

بقايا 04

حوالي سان جائزو وٺي رهيا آهيون. هن ٻڌايو ته آئي سي سي شيڊول جي اعلان ۾ ديرِ ڪئي آهي، بورڊ ڪجهه ڏينهن اڳ سمورن شريڪ ملڪن کي شيڊول جو ڊرافٽ جاري ڪرڻ آئي سي سي کي خط لکيو هو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته هڪ طرفو قدم قبول نه ڪندا. زهرا بلوچ جو چوڻ هو ته پارٽ ۾ پاڪستانين جي سيڪيورٽي سميت هر رخ ڄاچيون پيا ۽ ايونٽ ۾ ٽيم جي شرڪت بابت اعلان جلد ٿيندو ته ٽيم پارٽ ويندي يا نه ويندي. هن چيو ته ورلڊ ڪپ 2023ع جي ايونٽ ۾ شرڪت بابت فيصلو حڪومت ئي ڪندي

بقايا 05

ڦٽي جي اڳ ۾ اوجتو وڏي لات آئي آبادگارن کان ڦرلٽ ڪرڻ جو ضلعي سانگهڙ جي آفيسن تائين محدود ٿيل انتظاميءَ نوٽيس ڏورتو آهي ان سلسلي ۾ آبادگارن ابراهيم ڪيريو محمد خان وساڻ بابو جڪرو فقير علي نواز پنهيو فقير نور خان ۽ ٻين احتجاج جو جٿا ڏيندي ڌڙايو ته وونئٽن جي ايڪڙ فصل تي لڪين رپيا خرچ ڪري وڏي محنت ڪري فصل تيار ڪيو آهي ۽ ڦٽي جي فصل لهڻ سان ئي ڪارخانيدارن ۽ واپارين ناني ويڙهو ڪري عيد جو بهانو بنائي ڦٽي جي في مڻ اڳهه ۾ 15 سو رپين تائين وڏي لات آئي اسان آبادگارن کي ڦري رهيا آهن ضلعي انتظاميءَ کي ٻاهڙيون شڪايتون ڪيون آهن پر انتظاميءَ صرف آفيسن تائين محدود ٿي ميٽنگون ڪرڻ ۾ پوري رهندي ڪوبه تحرڪ نه ورتو ئي ڦٽي جي اڳ ته ئي ضابطو آئي عمل ڪرايو آهي هنن چيو ته ڪارخانيدارن ۽ واپارين خلاف سخت قدم کڻي ڦٽي جي اڳ ته ئي ضابطو نه آندو ويو ته پرپور ۽ سخت احتجاج ڪندا سين.

بقايا 06

دوائون پڻ مفت ۾ مريضن کي فراهم ڪيون ۽ هيپاٽائيٽس B ۽ C جون ٽيسٽون پڻ ڪيون ويون موقعي تي استاد جمالدين مهر ۽ چيو ته مرحوم پاءُ عبدالڪريم جي مغفرت لاءِ ڪيمپ لڳائي وئي آهي، ۽ ان جي ياد ۾ ڪيمپ لڳائي 200 کان وڌيڪ مريضن جي مفت ۾ چڪاس ڪري مفت ۾ ئي دوائون ڏنيون ويون آهن. هن وڌيڪ چيو ته منهنجي اها ڪوشش آهي ته ڳوٺ ۽ پرپاسي جي علاقن ۾ ڪو اهڙو ڪم ڪجي جنهن ۾ هتان جي عوام کي فائدو حاصل ٿي سگهي.

بقايا 07

ڇڏيو آهي، جڏهن ته لاڙڪاڻي شهر جي رهواسيءَ ڊاڪٽر ڪائنات اڪبر اها واحد ڊاڪٽر ڊياٽي آهي، جنهن ڄاڻايل پروفيشنل ڊگري جي پنجن ئي سالن ۾ پهرين پوزيشن ماڻيندڙ گولڊ ميڊلسٽ آهي.

بقايا 08

اهڙن خيالن جو اظهار زرعه ماهر اطهر حسين عباسي، عظيم نيازي، شجاع الدين عباسي، محمد جنيد، محمد انس، عامر اقبال، محمد خان مري ۽ ٻين طرفان ڪيهه جي بهتر پيداوار بابت سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي زرعه ماهر عاصم رضا گل، محمد اعظم ڪولاچي، اياز علي شاهه، محمد راشد، محمد عاطف، محمد عارف، محمد بلال ڪان علاوه سانگهڙ، نوابشاهه، ڊگهڙي، ميرواهه، ٽنڊوالهيار، حيدرآباد جي زميندارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪنري ۽ شهداد پور جي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ ڪيهه جي پوک گهٽ ڪري ٻن صوبن ۾ ئي ٿي. پنجاب ملڪ جي 70 سيڪڙو پيداوار جڏهن ته سنڌ 28 سيڪڙو پيدا ڪري ٿي. جڏهن ته في ايڪڙ پيداوار 20 مڻ آهي هنن وڌيڪ چيو ته ٽيڪسٽائيل شعبي جي ضرورت پوري ڪري سگهجي ٿي ۽ ڪيهه جي درآمد تي خرچ ٿيندڙ پرڏيهي مٽاسٽا جي بچت ٿي سگهي ٿي ۽ ڪيهه پکيندڙ هاري به خوشحال ٿي سگهن ٿا.

بقايا 09

جي خاطري ڪرايي ۽ هر ممڪن مدد ڪرڻ جي وارڻن کي يقين ڏياني ڪرايي سمس اسپتال منتقل ڪرائي علاج ڪرائڻ شروع ڪرائي ڇڏيو ، ان موقعي تي ڊائريڪٽر سمس ڊاڪٽر محمد رمضان وساڻ ميڊيا سان گالهاييندي چيو ته گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا تي هن بيوس مسڪين نيائي جو علاج نه ٿيڻ ۽ غربت سبب سندس واهر نه ٿيڻ ڪري بيماري جي حالت ۾ بستري پيڙو ٿيل نيائي جي ويڊيو ڏٺم ته افسوس ٿيو ۽ مان پنهنجي ڊاڪٽرن جي ٽيم کي ساڻ ڪري سندس گهر پهچي سندس بيماري جو چيڪ اپ ڪرايو آهي هن چيو ته عايشا کي گردن ۾ پٿري وغيره ناهي، گلي ۾ جلن ۽ گردن ۾ ڪجه سوج آهي جنهن جو سمس اسپتال ۾ علاج ممڪن آهي

بقايا 10

لغاري ،سڌير احمد ڪلهوڙو ،ضمير علي مغيري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي آرٽر شاخ تي پهتي،ريلي ۽ ميڊيا سان گالهائيندي مٿين اڳواڻن چيو ته نصير آباد ۽ وارهه تعلقي جون هزارين ايڪڙ با غ زمينون ڪرپٽ ڪامورن ۽ نا اهل چونڊيل نمائندن جي ڪري وقت سر پاڻي نه پهچڻ سبب بنجر بڻجي ويون آهن. آرٽر شاخ، جنڪٽي مائينر، مگيو شاخ، ڪهاوڙ شاخ، سنهڙو چيلو ۽ ٻين شاخن ۾ پاڻي نه هجڻ تي واري اڏامي رهي آهي.

بقايا 11

الله خاصخيلي ڪوٽبنگلو جي مقامي هوٽل ۾ سندس مان ۾ پريس ڪلب ڪوٽڏيجي جي صدر امام علي شاه بخاري ۽ ٻين صحافين طرفان ڏنل آجيائي کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته پريس ڪلب ڪوٽڏيجي جو تاحيات صدر سيد امام علي شاه بخاري هڪ دلير بهادر ۽ سچو ۽ ڪرو صحافي آهي ۽ سندس سٽ جا صحافي به بهتر ڪردار جا مالڪ آهن هن چيو ته مهنجو پريس ڪلب ڪوٽڏيجي سان هرممڪن سهڪار جاري رهندو آخر ۾ چيئرمين احسان الله خاصخيلي چيو ته هاڻ ڪنهن به گوسڙو ملازم کي گهر ويلي پڳهار نه ملندي ۽ ملازمن جون تعليمي ڊگريون ۽ آردر ڪاپين جي تصديق ڪرائي ويندي ۽ انشاء الله تاريخي شهر

ڪوٽڏيجي ۾ هفتي اندر واٽر سپلاءِ جو صاف شفاف پيئڻ جو مٺو پاڻي 24 ڪلاڪ ئي ميسر ٿيندو. ان ڪان اڳ پريس ڪلب جي تاحيات صدر سيد امام علي شاه بخاري ۽ صحافي لطف علي لنجواڻي چيئرمين کي اجرڪ اوڍايا ۽ آجيائي تقريرون ڪيون تقريب ۾ سيد حسين علي شاه بخاري . رونق علي اڄڻ . پيربخش گوپانگ . مٺل گوپانگ . فقير عبدالخالق ڪانڌڙو. اسحاق ڪانڌڙو. غلام رضا ڪانڌڙو. جاويد جبار ڪانڌڙو. غلام قادر سنڌڙ. غلام شبير سومرو. آصف راجپوت. شفقت خاصخيلي .اعجاز علي ڪانڌڙو. گل حسن ڪانڌڙو. بادشاه گوپانگ . لياقت شيخ ۽ اڳوڻي ائڊمنسٽريٽر غلام اصغر وساڻ ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 12

ڪماري،شڪارپور جو مغوي سلمان نصيراڻي، ڪنڌڪوٽ ڪشمور جي مغوين فرحان سومرو ۽ ديپ ڪمار ۽ سندس جو والد جڳديش ڪمار ڏاڙيلن جي چنبي ۾ قيد آهن ۽ انهن مغوين جا وارث تمام پريشان ۽ بيحال ٿي ويا آهن پوليس ۽ قانوني ادارن کي گهرجي ته سيني مغوين جي بنا دير آزاد ڪرايو وڃي جيئن هو پنهنجي گهرواسين سان عيد ملهائي سگهن.

بقايا 13

ڪاميٽي سڪرنڊ جي بنا مقابلي نئين چونڊجي آيل چيئرمين سيد غذير اختر شاه پنهنجي آفيس ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب سميت صحافت ۽ سماجي ڪمن سان لاڳاپيل متحرڪ شخصيتن جي فڪري ويهڪ ڪرائي جنهن ۾ مختلف پاسن تي صلاح مشورا ڪيا ويا جڏهن ته راءِ ۽ اختلاف راءِ جو احترام ڪندي ويهڪ ان نتيجي تي پهتي ته پڇاڻي ۽ احتساب جو عمل بهتري آئي سگهي ٿو نشست ۾ عام راءِ اها بڻجي ته مجموعي طور شهر جا به اهم مسئلا آهن هڪ گندي پاڻي ۽ صفائيءَ جو ناقص انتظام ۽ بيو ناجائز حد دخليون جڏهن ته اسٽريٽ لائٽ تي پڻ ڳالهه بولي جنهن تي چيئرمين سيد غذير اختر شاه ڳالهائيندي چيو ته ڪوشش ڪندس ته جيڪا ذميواري سڪرنڊ جي عوام رکي آهي ان تي پورو لهان پر اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهندو جڏهن اوهان سڀ شعوري ۽ متحرڪ دوست منهنجو ساٿ ڏيندئو هن چيو ته پڇاڻو اوهان ڪيو احتساب اسين ڪنداسين جنهن سان شهر کي سهڻو ، صاف ۽ روشن ڪري سگهجي ٿي پر ان ۾ شرط اهو آهي ته تنقيد برائي اصلاح هئڻ گهرجي تنقيد برائي تنقيد نه جنهن تي ويهڪ ۾ شامل سيني دوستن ڪيس پڪ ڏياري ته هو هر جائز ڪم ۾ ساٿس بانهن پيلي رهندا چاڪاڻ جو شهر اسان سيني جو آهي فڪري ويهڪ جي آخر ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر قاضي جاويد سنائي اجتماعي دعا گهرائي . ان موقعي وائيس چيئرمين علي بخش ملاح ۽ ٽائون آفيسر سيد غلام مجتبيٰ شاه پڻ موجود هئا.

بقايا 14

لاءِ 73 نيون ايئرڪنڊيشن گهرائي ورتيون جن کي لڳائڻ لاءِ ٿي رڪني ڪاميٽي جوڙي وئي آهي. ان سلسلي ۾ ايم ايس پاران ايئرڪنڊيشن واردن ۾ لڳائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي ڇڏي آهي جنهن ۾ چانڊڪا اسپتال جو اڳوڻو پرنسپال پروفيسر گلزار شيخ ۽ چانڊڪا ڪاليج جو پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر ضمير احمد سومرو ۽ اسپتال جو ايم ايس ڊاڪٽر مبشر ڪولاچي پڻ شامل آهن. جڏهن ته ڊاڪٽرن پاران ايم ايس مٿان سفارشون ۽ دباءُ وڌو پيو وڃي ته آيل ايئرڪنڊيشن مان سندن آفيسن ۾ لڳائي ڏنيون وڃن پر جوڙيل ڪاميٽي پاران ڊاڪٽرن پاران ايئرڪنڊيشن گهر ڪرڻ واري فيصلي کي رد ڪندي ڪاميٽي طرفان فيصلو ڪيو ويو آهي ته آيل ايئرڪنڊيشن اسپتال جي مختلف شعبن جي وارڊن ۾ لڳائي مريضن کي ڪاڙهي واري گرميءَ کان بچائي سگهجي. جڏهن ته هڏن واري وارڊ ۾ پڻ ايئرڪنڊيشنون لڳايون ويون آهن. رابطي ڪرڻ تي چانڊڪا اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر مبشر ڪولاچي ٻڌايو ته سول اسپتال کي ايڪسپريس فيڊر ڏنو ويو آهي جنهن تي زيرو لوڊشيڊنگ هجڻ گهرجي چاڪاڻ 65 لک روپيا اسپتال پاران سيپڪو کي ادائيگي ڪئي وئي هئي پر ايڪسپريس فيڊر تي سيپڪو پاران لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جنهن ڪري مهانگيون ۽ جديد ترين مشينرين ۾ فني خرابي جو خدشو آهي .

بقايا 15

هلندڙ بولان ميل ۽ ڪراچي ڪان پشاور هلندڙ خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس ۽ روهڙي ڪان ڪوئٽي هلندڙ موهن جو دڙو ايڪسپريس بند ڪري سنڌ جي عوام سان ظل ڪيو ويو آهي جڏهن ته پنجاب ۾ بند ٽيل گاڏيون هلايون ويون آهن بند ٽيل ريل گاڏيون هلائي غريبن کي سهولت ڏني وڃي ۽ ٽرانسپورٽ مافيا کان جان ڇڏائي وڃي هن مهانگائي واري بيروزگاري ۽ معاشي بدحالي آهي ۽ ٽرانسپورٽرن پڻ گاڏين جا پاڙا وڌايا آهن هاڻي هو پنهنجو ۽ ٻچن جو پيٽ پالن يا وڏا پاڙا ڀرن ان ڪري غريبن جي سواري ريل گاڏيون هلايون وڃن احتجاج ڪندڙن ريلوي جي وفاقي وزير جي ايم لاهور لاهور ڊي ايس سکر ۽ اعلي آفيسرن کي اپيل ڪئي ته بند ٽيل ريل گاڏيون هلائي سنڌ جي غريب عوام کي سستي سهولت ڏني وڃي.

بقايا 16

۽ اسڪول جي اسٽاف شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي زبردست خراجي تحسين پيش ڪيو ۽ انهن ڳالهه جو ورجائو ڪيو ته اسين پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو سان هميشه ساٿ نڀائينداسين. ان موقعي تي اسڪول جي ٽيچرس، ڊاڪٽر شازيه سوير، ڊاڪٽر شازيه ڀٽو، ڊاڪٽر فريده شيخ، فرزانه جوڻيجو، مريم ڀٽو، نصرت ڪريم قاضي، عبدالغفار ڀٽي، اسدالله ميمڻ، نصرالله ڀٽو، محمد طارق شيخ، شفيق احمد شيخ، رفيق احمد شيخ، قاضي عبدالڪريم، حسين بخش بڪٽي، اياز علي ميمڻ، رياض حسين ميمڻ، محمد سليم گاد، اختيار علي گوپانگ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 17

اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو جڏهن ته راڻيپور تائي سهتا ڏرجي ٻن جڻن تي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي پوليس ڪنهن کي به گرفتار نه ڪيو آهي ملڪ برادري پاران خالد حسين ۽ عاطف ملڪ جي اڳواڻي ۾ سهتا برادري جي نوجوانن پاران حملو ڪرڻ خلاف پريس ڪلب شاه جي مشين جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن چيو ته ذيشان ملڪ مٿان حملو ڪري روڪ رقم موبائيل فون ڦرڪري ويا آهن هنن حملو ڪندڙن جي گرفتاري جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 18

۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ڊوائيز هولڊرن عابد علي ڪوڪر، الهڄڙيو ڪوڪر، جاويد ڪوڪر چيو ته دادو جا نام نهاد صحافي سڏائيندڙ بيلڪ ميلر عطائين سجاد لاکو، مجتبيٰ برهماڻي، اڪرم شاهاڻي، بابو جمالي ۽ ٻيا سينيٽر تي پهچي آسان کان غيرقانوني پٿو گهريو پٿو نه ڏيڻ تان اسان کي ڪوڙيون آيف آءِ آرون داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، پتا گروپ اسان کي سخت پريشان ۽ ڌمڪايو پيو وڃي پٿو ڏيو يا ڪم بند ڪيو ٻئي صورت ۾ اسان مٿان کان اوهان جو ڊوائيز سسٽم بند ڪرائي ڇڏينداسون جنهن سبب هزارين عورتون متاثر ٿينديون هنن چيو ته اسان نه ٿا چاهيون ڊوائيزون بند ٿين ڊوائيزون هلنديون ته هزارين متاثر عورتن جي مالي مدد ٿيندي، هنن چيو ته اسان پنهنجي حق حلال جي روزي ڪري رهيا آهيون ۽ متاثر عورتن کي پنهنجو حاڪر حق ڏئي رهيا آهيون غلط ڪم نه پيا ڪريون، هنن چيو ته پتاخور ٽولو گذريل 2 سالن کان پٿي ڏيڻ لاءِ حراسان ڪري رهيو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته اسان کي تحفظ فراهم ڪري پتاخورن خلاف

قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ اسان سپورٽ پروگرام جو بائيڪاٽ ڪنداسين.

بقايا 19

بي گناه ڪارڪن سوريا سنڌي سميت ٻين قومي ڪارڪنن کنيي ڪم ڪيو ويو آهي هنن چيو ته سنڌ ۾ قومي ڪارڪنن ۽ ڌرتي ڌڻين کي کنيي ڪم ڪري سنڌ ۾ ڌارين کي آباد ڪرايو وڃي پيو هنن چيو ته ڌارين جي آبادڪاري کنهن به صورت ۾ قبول ناهي ڌارين کي فوري طور سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي وڃي هنن چيو ته سنڌو درياءَ تي قبضو ڪڏهن به قبول ناهي سنڌ کي خودمختيار بڻايو وڃي، ڪنيي گم ڪيل سوريا سنڌي سميت سمورن کنيي ڪيل ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا 20

جنرل بيورو آف اسٽيٽسٽڪس ڊاڪٽر محمد اسحاق انصاري ميرپورخاص ۾ آفيس جي مرمت بعد آفيس آئي تي سيل جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا سان گالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته اسان پاران اڳ زراعت ، تعليم ، سميت مختلف فيڪٽرين ، سرن جي بلن تي سروي ڪيا ويا آهن ته جيئن معيشت جي واڌ ويجهه بابت ڄاڻ ملي سگهي ان ڪان سواءِ گهوڙا ڀاري واري علاقي ۾ بڪ بدحالي، صحت ،تعليم عورتن بابت سروي ڪيو ويو چاڪاڻ ته انگ اکر هجڻ سان بهترين منصوبه بندي ڪئي ويندي هن چيو ته اسان جي ڪم بابت عوام ۾ آگاهي نه آهي ان ڪري اسان عوام سان رابطي ۾ آهيون جڏهن ته اسان پاران مختلف يونيورسٽين ۾ وڃي ڊيٽا بابت شاگردن کي آگاهي ڏيون ٿا هن چيو ته بنا انگ اکرن جي پلاننگ ڪرڻ مشڪل آهي جنهن لاءِ اسان پاران مختلف معاملن بابت ڪيل سروي ويب سائيٽ تي پڻ موجود آهي هن چيو ته ماضي ۾ اسان جي اداري کي گهٽ اهميت ڏني ويندي هئي پر هن وقت مختلف ڪاتن طرفان اسان جي سروي مان پلاننگ ڪئي وڃي ٿي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو مشرف دور ۾ سنڌ ۾ اسان جي آفيسن تي قبضا ڪيا ويا آهن جڏهن ته ميرپورخاص جي ڪيتري ايراضي تي پڻ قبضو ٿيل آهي قبضا ختم ڪرائڻ اسان قانوني رستو اختيار ڪندا سين جڏهن ان موقعي ڊپٽي ڊائريڪٽر اسدالله ميمڻ، سڪندر علي ڊاڀو، اسٽنٽ ڊائريڪٽر مشتاق علي مهر، ايس او ممتاز علي بوزدار ، علي نواز مهر ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هو.

بقايا 21

زرعي زمين آهي جنهن جو اصل روينيو رڪارڊ مون وٽ موجود آهي. هن الزام لڳايو ته جاڻايل زرعي زمين تي بااثر ماڻهن عبدالحفيظ سامٽيو ۽ معراج سامٽيو وارن گذريل 25 سالن کان قبضو ڪيون ويٺا آهن انهن خلاف مون حد جي ٽائي سميت روينيو عملدارن کي ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون پر مسلسل انهن خلاف ڪاروائي نه ٿيڻ تي هو زرعي زمين جي مالڪي تان هٿ کڻڻ لاءِ دمڪائي رهيا آهن جيڪا وڏي ناانصافي آهي. اسان جي وس وارن کي اپيل آهي ته زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي بااثر ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 22

مان ڪتوتي ڪرڻ جي صورت ۾ سخت قدم کڻڻ جو حڪم خبر موجب حڪومت پاران بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ملندڙ رقم لاءِ خيرپور ناٿن شاه جي ڊگري ڪاليج ۾ قائم ٽيل سنٽر جو ڊي جي مانيٽرنگ بي ايس پي اسلام آباد ذوالفقار شيخ پاران دورو سنٽر تي موجود عورتن کان پڇا گاڇا ڪرڻ بعد پي ايس پي پروگرام جي انچارج کي هدايتون جاري ڪيون ته سنٽر تي عورتن کي احسن طريقي سان رقم جي ادائگي ڪئي وڃي ڊوائيس هولڊرن کي پڻ پابند ڪيو وڃي ته هو ڪنهن به مستحق عورت جي رقم مان ڪٽوتي نه ڪن اهڙي شڪايت ملڻ تي انهن خلاف سخت قدم کنيو ويندو.

بقايا 23

پيئڻ جي صاف پاڻي جون شڪايتون هيون جنهن تي سجاول جي خاصخيلي محلي ۾ غيرفعال بڻيل واٽر سپلاءِ اسڪيم تو کي فعال بنائي استعمال جي لائق بنايو پيو وڃي ۽ سجاول جي پٽڻ ناڪي کان بدين روڊ ناڪي تائين ڊبل روڊ تعمير ڪرايو پيو وڃي هن چيو ته سجاول جي نوجوانن لاءِ تفريحي سرگرميون جي لاءِ ڪرڪيٽ گرائونڊ تعمير ڪرائڻ سميت شهر ۾ ٻين ڪيترن ئي ترقياتي منصوبن جو پڻ جلد ڪم شروع ڪرايو ويندو تقريب ۾ مختلف ڪاتن جي عملدارن سميت معزز شهرين ۽ صحافين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊي سي سجاول پاران تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن جي مان ۾ مانجاهندي جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا 24

ايڊيشنل سيشن جج ميرپورماٿيلو جي عدالت پاران قتل جي ارادي سان يوسف شر مٿان فائرنگ ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي تن جوابدارن جمال فقير، فقير محمد ۽ لال فقير کي 5.5 سال قيد ۽ هڪ هڪ لک ڏنڊ ٻڌائي ڇڏي آهي ياد رهي ته فريادي يوسف شر 2018ع ۾ مذڪوره جوابدارن مٿان ميرپورماٿيلو ٿاني تي ڪيس داخل ڪرايو هو

بقايا 25

. اياز ڏاهري. علي محمد ڏاهري. مرتضي ڏاهري. سجاول ڏاهري. منصور لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هالا پريس ڪلب تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ سخت نعريبازي ڪندي چيو ته هڪ هفتو گذري وڃڻ باوجود پوليس اڃا تائين ڪيس ۾ گهريل هڪ به جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي آهي جنهن جي ڪري جوابدار اسان کي ڪيس تان هٽ ڪڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته پوليس جي روايتي سستي ۽ جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ سبب وڏيڪ خونريزي جو انديشو آهي. هنن چيو ته استاد الله رکيو پنهنجي ڀيوٽي تي وڃي رهيو هو ته جوابدارن ڪيس گوليون هڻڻ بعد گلو ڪپي ڪيس بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو. هنن چيو ته اهڙي بي رحماڻي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري ڪيس دهشتگردي عدالت ۾ هلايو وڃي. بي صورت ۾ قومي شاهراه تي ڌرڻو هڻي احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 26

جڏهن آئون 17 ورهين جو هو ته سندس جسم آتو اميون رسپانس مان گذري رهيو هو آئون ان حالت جي صحيح طرح سان وضاحت نٿو ڪري سگهان مٿان ڪوطبي ماهرئي وضاحت ڪري سگهي ٿو هن وضاحت ڪندي چيو ته جڏهن جسم ۾ انسولين ٺهڻ بند ٿي ويندا آهن ته بلڊ شگر ليول ۾ واڌ ٿيندي رهندي آهي جنهن کي اسان شگر چوندا آهيون. هن چيو ته 17 ورهين جي عمر ۾ آئون شگر ٽائپ ون ۾ مبتلا ٿيس، مون کي سخت بخار ٿيو جنهن کان پوءِ رڳو 8 ڏينهن ۾ منهنجو وزن 10 ڪلو گهٽجي ويو هو اداڪار چيو ته وزن گهٽجڻ کان پوءِ مون کي سخت اَڄ لڳندي هئي، جنهن کي پوليوريا چوندا آهن. ان حالت ۾ هر هر واش روم وڃڻو پوندو آهي، هن ٻڌايو ته منهنجو وات هر وقت خشڪ رهندو هو جسم ۾ پاڻي جي ڪوٽ ٿي وئي هئي، جنهن سبب آئون 6 کان 7 ليٽر پاڻي پيئندو هيس ته لاڳيتو پيشاب اچڻ سبب هر هر باٿ روم وڃڻو پوندو هو

بقايا 27

جنهن تي مداحن پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪيو 63 ورهين جي سنجي دت اڄ پنهنجي انسٽاگرام تي هڪ ويڊيو پوسٽ ڪئي جنهن ۾ ڪيس هڪ ڪمري ۾ ڪهاڙي سان ڪاٽي جي ٽڪرن کي ويڊيو ڏسي سگهجي ٿو ويڊيو جي ڪيپشن ۾ سنجي دت لکيو ته جيڪو ڪم آئون اڄ ڪندو هيس اهوئي ڪري رهيو آهيان، ورزش ڪرڻ لاءِ ڪاٽي جا ٽڪرا ڪرڻ بهترين طريقيڪار آهي، ان

سان جسم جو مٿيون حصو مضبوط ٿيندو آهي

بقايا 28

ميڊيا تي وائرل ٿي رهيو آهي ۽ مداح سندس آواز کي سراهي رهيا آهن.

بقايا 29

جو ان ناڪاري فيڊنگ کي هڪ منو نظر انداز ڪري ڇڏيندي آهيان ٽ اداڪارا جو چوڻ هو ته "سڀي نموني جاڻان ٿي ته جڏهن ڪو شخص اهڙيون ڪاميابيون ماڻيندو آهي، پيا جيڪي صلاحيتون ناهن رکندا، ته انهن ۾ ساڙ جا جذبا پيدا ٿيندا آهن ۽ اهي اهڙيون گهٽيا حرڪتون ڪندا آهن.

بقايا 30

آهي ته عوام کي انهن جي جائز حقن کان آگاهي ڏيون، جيتوڻيڪ چوڪري يا چوڪرو 13 يا 14 سالن جو آهي ۽ ان وٽ جم جو سرٽيفڪيٽ آهي ته هو پاڻ کي 18 سالن جو نه ٿو سڏائي سگهي، جيڪڏهن چوڪرو يا چوڪري 18 سالن جا آهن ته پوءِ اهي پاڻ کي 14 سال جو نٿا چئي سگهن. هن وڏيڪ چيو ته توهان علاقي جا چونديل نمائندا آهيو جيڪڏهن توهان جي علاقي جا ماڻهو الڪشن ووٽر لسٽ ۾ شامل ناهن ته پوءِ انهن جو نالو داخل ڪرايو هن چيو ته سرٽيفڪيٽ آمدني جو ذريعو نه اهي عوام کي سهولت فراهم ڪرڻ جو وسيلو آهن. لوڪل ڪائونسل جي سمورن چيئرمينن کي گهرجي ته دستاويزن جي فيس ۾ گهٽتائي ڪن ته جيئن ماڻهن کي آساني سان سرٽيفڪيٽ ملي سگهن. هن چيو ته هن پليٽ فارم ذريعي مان سيني ماڻهن کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته هو پنهنجي ٻارن کي نادرا ۾ رجسٽرڊ ڪرائين ته جيئن ڪو به توهان جو حق ڪسي نه سگهي چاهي اهو عمر جو حق هجي، زمين جو حق هجي، پاسپورٽ جو حق هجي، دستاويزن جو حق هجي يا ٻيو ڪو حق هجي ڪو به توهان جو حق ڪائي نه سگهي.

بقايا 31

گوپانگ کي برڪت علي شاهه پاڙي مان رستي ويندي بيگناهه گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ رشوت جي گهر ڪئي، رشوت نه ڏيڻ تان پوليس پٽ مٿان منشيات جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جيڪو هن وقت لاڙڪاڻو جيل ۾ قيد آهي. هن چيو ته منهنجو پٽ پوريو ڪري گهر پاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان ۽ اسان جي ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي پران جي باوجود پٽ کي بيگناهه ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي ظلم ڪيو ويو آهي. هنن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ مٿان داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري ڪيس آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 32

محترمه بينظير ڀٽو جي سترهين سالگره جو ويهن پائونڊن جو ڪيڪ ڪٽيو ويو. انهي موقعي تي اڳواڻن ڪامران خان مهر آجيائو پيش ڪيو ۽ خطاب ڪندي چيو ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو هن ملڪ ، عوام خاطر جان جو نظرانو ڏنو. پيپلزپارٽي ڊيسيپلين جو نالو آهي ،هروقت پارٽي جي فيصلي کي ليبيڪ ڪيو آهي ، هي پيپلزپارٽي آهي مون جهڙي ڪارڪن کي ضلعي ۾ آندو، لڪي غلام شاه پيپلزپارٽي جو قلعو آهي ۽ رهندو ، نائڻ خان مهر ، بهار شر، اي ڪي لاشاري ، نظيرپيو، چڪ تائون چيئرمين ڊاڪٽر نويد احمد مهر خطاب ڪيو، شهيد بينظير ڀٽو جي زندگي تي روشني وڌي ۽ ڀيٽا پيش ڪئي

بقايا 33

شوڪت علي، ڊاڪٽر مهران تي ا ۾ ئي ڪيس فائيل تي ڇڪو آهي، پراسپتال انتظاميه جي مجرمانا پاليسين ۽ قاتل ڊاڪٽرن جي غير قانوني دفاع ڪرڻ جي ڪري اڄ فرحان ۽ امجد ليگل ٽيم جي پليٽ فارم تان بيرسٽر عمران اڪبر رند ۽ بيرسٽر فرحان ڪنبر طرفان ميمڻ اسپتال قاسم آباد، حيدرآباد جي انتظاميا کي ليگل نوٽيس موڪليو ويو ۽ گڏو گڏ نوجوان قانونداڻن اهو وچن پڻ ورجايو ته گلن جهڙي معصوم سلاسرور جي قاتلن کي ڪيفري ڪردار تائين ضرور پهچائيو.

بقايا 34

مارائڻ لاءِ ڪي به قدم نه ڪنيا آهن جڏهن ته چتو ڪتو 11 کان مٿي ڳوٺائن کي چڪ هٽي زخمي ڪرڻ سان گڏوگڏ رولو ڪٽن کي پڻ ڪاڻي ويو آهي هن انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته ٽيمون موڪلي ڪٽن کي مارايو وڃي ته جيئن وڏيڪ نقصان کان بچي سگهجي زخمين ۾